DEPARTMENT OF COMPARATIVE RELIGION & ISLAMIC CULTURE
UNIVERSITY OF SINDH

CERTIFICATE

Certified that Mr. Hafiz Muhammad Usman S/o Haji Muhammad Yakoob Memon has carried out research on the Topic.

" Critical Review and Translation in Sindhi of Anwar-ul-Asrar (Commentary of Holy Quran) By Issa Jund-ul-Allah Patai From Surah Toor to Surah-Al-Hadid."

under ~~my~~ our supervision and that his work is original distinct and his dissertation is worthy of presentation of the Univers of Sindh for award of the degree of Doctor of Philosophy in Islamic Culture.

(Prof. Dr. M. A. Qadri)
Guide/Supervisor.

(Prof. Dr. Ahmed Iqbal Qas
Guide/Supervisor

تحقيقي مقالـه

براءِ پي ايڇ ڊي

سال 1992ع

عنوان مقالـ: انوار الاسرار

(تفسير قرآن - سورة الطور كان سورة الحديد تائين)

مصنف: جناب شيخ عيسٰي جندالله پاڻائي متوفي سن 1031هـ

تحقيقي بحث ۽ سنڌي ۾ ترجمه

مقاله نگار: حافظ محمد عثمان ابن حاجي محمد يعقوب ميمڻ

اسسٽنٽ پروفيسر

شعبه اسلاميات ۽ پاڪستان اسٽڊيز

سنڌ زرعي يونيورسٽي ٽنڊو جام

نگران اعلـيٰ: پروفيسر ڊاڪٽر احمد اقبال صاحب

پروفيسر ڊاڪٽر مدد علي قادريٰ صاحب

شعبه: ثقافت اسلاميه و تقابل اديان جامعه سنڌ ڄامشورو

1992ع

مقدمة

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ه

مقدمو

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ وَكَفٰى وَسَلَامٌ عَلٰى عِبَادِهِ الَّذِيْنَ اصْطَفٰى ه
اِنَّمَا يَخْشَى اللّٰهَ مِنْ عِبَادِهِ الْعُلَمٰٓؤُا ؕ رَبَّنَا وَابْعَثْ فِيْهِمْ
رَسُوْلًا مِّنْهُمْ يَتْلُوْا عَلَيْهِمْ اٰيٰتِكَ وَيُعَلِّمُهُمُ الْكِتٰبَ وَ
الْحِكْمَةَ وَيُزَكِّيْهِمْ اِنَّكَ اَنْتَ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ ه
مَنْ سَلَكَ طَرِيْقًا يَلْتَمِسُ فِيْهِ عِلْمًا سَهَّلَ اللّٰهُ لَهٗ طَرِيْقًا
اِلَى الْجَنَّةِ وَ فَضْلُ الْعَالِمِ عَلَى الْعَابِدِ كَفَضْلِ الْقَمَرِ عَلٰى سَائِرِ
الْكَوَاكِبِ ط

اما بعد! اسلامي سنڌ جو ماضي تاريخي لحاظ سان تمام گھڻو شاھڪار
۽ اسلامي علم جو اڻ کٽ خزانو رھيو آھي. سنڌ ۾ صرف اسلام اچي
پھنچي خير و برڪت ۽ خوبين سان اھل سنڌ کي نوازيو، اھڙيءَ طرح
اھل سنڌ به سنڌ کان ٻاھر سفر ڪري اسلامي تعليم کي عام ڪيو.

سنڌ لاڏاڻا اسلامي شخصيتون پيدا ڪيون آھن جن مان
ڪافي شھرت جوڻ حاصل آھن. جيئن شيخ ابو معشر سنڌي ؒ، علامه
ابو جعفر دبيلي ؒ، مخدوم محمد ھاشم ٺٽوي ؒ، مخدوم محمد نوح
سروري ؒ ۽ مخدوم معين الدين ٺٽوي ؒ يا اھنجا ھم عصر عالم
اسلامي سنڌ جا اھڃاڻ ۽ علامتون آھن.

سنڌ جي گوڻ جا عالم اسلامي تھذيب ۽ تعليم جا معمار مفڪر
۽ مشھور زمانه شخصيتون ٿي ويون آھن. جن سنڌ کي
اسلامي دنيا ۾ روشناس ڪرايو جنھنجو اثر اڄ عالم اسلام
تي آھي. اھڙن گوڻ ۽ شھرن مان ٻاڻ به ھڪ اھڙو خوش
نصيب شھر آھي جنھنکي مدينة العلم چئجي يا عالمن

جوگوٹ يا شهر چئجي نه ڪو وڃاءُ نه ٿيندو.

"پات" اڳ جي زماني ۾ صوفي ۽ مذهبي عالمن جو مرڪز رهي آهي. هاڻي به جديد تهذيب ۽ تعليم جي ڪري پات جو ماڻهو هر شعبهٔ زندگيءَ ۾ نمايان آهي. اهي علمي سرزمين جو ماڻهو حضرت شيخ عيسيٰ جند اللهؒ بن قاسمؒ بن يوسف2 پاڻائي پڙ آهي. جن جي وڏن اٽڪ ترسين ڪري "پات" کان هجرت ڪئي.

هجرت جا سبب: جڏهن همايون مغل بادشاهه جي سنڌ ۾ آمد ٿي نه ڳهي ابتري پکڙي ۽ ارغون حڪمرانن جو دور هو. سن ۹۴۶ھ مطابق 1539ع ۾ مرزا شاهه حسن پنهنجي پيءُ شاهه بيگ جي وفات کانپوءِ مسند حڪومت تي فائز ٿيو. اهڙن ڏينهن ۾ همايون شير شاهه سوري هٿان شڪست کائي[1] مرزا شاهه حسن پنهنجي اُمراءَ سان مشوري ۾ طئي ڪيو ته همايون سنڌ طرف ضرور اچي ۽ هڏ اڇ کان بکر تائين درياهه جي ڪنارن کي ويران ڪري پوک کي ختم ڪري ڇڏ گهرجي. ۽ اهي ويرانيءَ مان سنڌ ن مقصد هي هو ته شديد ويراني ۽ قحط جي ڪري همايون نه ٿي رهي نه سگهي. ۽ مرزا شاهه حسن جي اها خواهش پوري ٿي.[2]

آخر اهو وقت آيو جو سن ۹۴۷ھ مطابق 1540ع ۾ همايون لاهور کان ٿيندو اُڇ ۾ ۽ 1541ع ۾ روهڙي سنڌ ۾ پهتو ۽ پيرلوءِ ۾ پاڻي قيام ڪيائين.

---

[1] تاريخ سنڌ اردو ج ۲ ص ۵۱ [2] تاريخ سنڌ اردو ج ۲ ۽ تحفو اعجاز احمد قدوسي ص ۲۷۱

تاريخ طاهري" جو مصنف ان وقت جي سنڌ جي بسمايي ۽ قحط جو
نقشو چڪيندي لکي ٿو ته مير سلطان محمود خان بکر جي حاڪم
ائين تباهي ڪرائي جو کوبه هاري اگر اناج پوکيندو هوته سزا
طور انجي کل هرائي ان ۾ ٻُهُ پرائيندو هو. ٻک جو ايترو
قهر سخت دور هلي رهيو هو جو "مانيو" جان کان به زياده عزيز
هئي. ملڪ جو امن و امان اهڙيءَ طرح ختم ٿي ويو جو انجي جاءِ تي
فتني ۽ فساد ٻيار و ڏو. ع۳

اهڙيءَ شورش ۽ بد امنيءَ سبب دل برداشته ٿي حضرت شيخ
عبدالله جن الله رح جي والد ۽ چاچي حضرت شيخ محمد طاهر محدث رح
وطن عزيز کان سن ۹۵۰ هـ ۾ هجرت ڪئي. ۽ گجرات ۾ اچي ڪان
پوءِ "ايلچپور برار" ۾ زندگي گذارڻ جو ذريعو بنايو. سندن
ئي خاندان ۾ ٿي به علمي خدمتون ڪري برهانپور ڏانهن روانگي
اختيار ڪئي. ڏهن ئي ڏينهن ۾ مورخه ۵ ذوالحج سن ۹۶۲هـ ۾
حضرت مسيح الاولياء شيخ عبدالله رح جن جي ولادت
باسعادت عمل ۾ آئي. ان کانپوءِ حضرت شيخ سنڌي ۽ سندن
خاندان برهانپور ۾ وڃي رهيا. برهانپور ۾ سنڌي اولياءَ
جي نالي سان مشهور ٿيا. مصنف رح جي حالات زندگي پنجن حوالن
سان ثابت آهي. ع۴

ع۳ تاريخ سنڌ اردو ج ۲ مؤلف باڪٽر اعجاز الحق قدوسي ص ۷۲-۷۳ اشاعت مرڪزي اردو بورڊ لاهور
بحواله "تاريخ طاهري" ص ۷۷.

ع۴ ڪتاب برهانپور ڪي سنڌي اوليا ۲ تذڪره مشاهير سنڌ ۳ گلزار ابرار ۴ ڪشف الحقائق قلمي
۵ عين الهمداني فارسي قلمي مصنف شيخ علي رح.

فارسي مصنف اسمٰعيل بن محمود

۲ موضوع جو تعارف:- هن تعليم جي تحقيق لاءِ جيڪو عنوان مون منتخب
ڪيو آهي، سو عنوان تفسير سان وابسته آهي هنجو مبارڪ نالو تفسير "انوار الاسرار" آهي.
هن تفسير جو پارو ۲ سورة الطور کان سورت الحديد تائين (يعني ڇهه سورتون ۽ ۱۸ رکوع)
تحقيق ۽ عربي ۽ کان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ لاءِ سونپيو ويو آهي.

۳ موضوع جي انتخاب جو پس منظر:- نيڪ روشن هجي تہ جڏهن آءُ
تحقيقي ڪم جي عنوان حاصل ڪرڻ لاءِ استاد ڊاڪٽر سيد احمد اقبال صاحب
وٽ پهتس تہ پاڻ همت افزائي ڪندي مشورو ڏنائون تہ اوهان علامه قاسمي
صاحب ڏاهن وڃي ڪهن ڪتاب متعلق عنوان حاصل ڪريو.
آءُ وقت جي مايه ناز عالم سائين غلام مصطفىٰ قاسمي صاحب جن جي خدمت ۾
پهچي حقيقت پيش ڪئي. پاڻ فرمايائون تہ شيخ عيسىٰ جنداڻي جي تفسير انوار الاسرار عربي
جو پارو ۲ سنڌ يونيورسٽي جي سينٽرل لئبريري ۾ قلمي صورت ۾ موجود آهي
اوهان انجو ترجمو ڪريو ۽ تحقيق ڪريو. ۽ پاڻ فرمايائون تہ شيخ عيسىٰ تمام گهڻي
دانشمندي ۽ سان اهو تفسير لکيو آهي ۽ کيترين ئي خوبين جو حامل آهي.
سو نيڪ ان قلمي تفسير جي ترسڻ جو شوق پيدا ٿيو ۽ لئبريري ۾ وڃي انچارج
شعبهٔ مشرقي علوم محترم شفيع بروهي صاحب کان اهو مسودو وٺي فوٽو ڪرائي
مطالعه ۾ رکيم. ڏاڍو مزو آيو ۽ خيال ڪيم تہ چو نہ بزرگن جي ڪيل علمي خدمت
کي پڌنجي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪري عام الناس تائين پهچائجي جيئن امت مرحوم
ان کان مستفيض ٿئي. اهوئي مقصد رکي مون تفسير انوار الاسرار جي پارو ۲۷
کي تحقيقي ڪم لاءِ منتخب ڪيو.

۴ تفسير انوار الاسرار جي اهميت:- هي قرآن ڪريم جو معرڪة الآرا بي نظير
تفسير آهي. هي تفسير منقولات ۽ قوانين تي مشتمل آهي پر ساڳئي وقت تصوف
جي ميدان ۾ گامزني ڪري ڪن ڪن آيتن جو ۽ خصوصاً پارو ۲۷ جي سورتن

عه برهانپور کي سنڌ هي ادبيات ص ۶۳-۷۱ ۽ تذڪره مشاهير سنڌ ص ۳۲۲، ۳۷ مصنف مولوي دين محمد وفائي.

جي مختلف رکوعن جو تفسير اهڙي انداز سان ڪيو اٿن جو سالڪ لاءِ راهوني هموار ڪري ڇڏيون اٿن.

شيخ سعيد الله راشد برهانپوريءَ ڪيو آهي ته بزرگن جڏهن هي تفسير ڪڻ شروع ڪيو ته اطمينان لاءِ تفسير جا به جزا مسلسل پنهنجي استاد ۽ چاچي شيخ طاهر محدث جي خدمت ۾ سندن راءِ معلوم ڪرڻ لاءِ موڪليا ۽ ڪٿي ويندڙ ماڻهوءَ جي تاڪيد ڪيائون ته شيخ طاهر محدث کي اهو نه ٻڌايو جيڪي ته هي ڪنهن ڪيو آهي ۽ موڪلين ٿو ڪير آهي.

ڪٿي ويندڙ شخص اهي به جزا شيخ طاهر محدث جي خدمت ۾ هي الفاظ چئي پيش ڪيا. "حضرت موڪلي هي ڪاغذ ملايا آهن ملاحظه فرمايو قابل مطالعه آهن يا نه؟"[۸]

شيخ طاهر محدث خود به صاحب تفسير آهي. غور و فڪر سان ملاحظه فرمائڻ کانپوءِ گهٽي تعريف ڪئي ۽ فرمايائون ته "اي عزيز! تون خوش قسمت آهين جو اڪي هي نعمت ميسر ٿي آهي، ايتري بدن درجي جو تفسير عام علماء جي دسترس کان باهر آهي. هن انداز ۽ گهرائيءَ سان ته اهو خاص رسيده عالم يڪي سگهي ٿو جيڪو غوث يا قطب جو درجو رکندو هجي."

اها ساڏي افزا راءِ معلوم ڪري حضرت مسيح الاولياء جن کي تسڪين ٿي ۽ وڌيڪ ڪوشش ڪري الهيءَ انداز سان تفسير کي اختتام تي پهچايائون. جڏهن شيخ طاهر محدث کي معلوم ٿيو ته هي تفسير شيخ عيسيٰ ڪيو آهي ته بي انتها مسرور ٿيا ۽ وٽن تشريف فرما ٿي کين مبارڪباد ڏيائون ۽ گهٽي محبت سان پاڪ ميوي هيٺ فرمايائون.

"الحمد لله الله تعالىٰ جو موڪي ڪامل ڪيو ۽ اوهان کي مڪمل."[۹]

---

۸ برهانپور کي سنڌي اولياء ص ۶۹

۹ برهانپور کي سنڌي اولياء ص ۶۹-۷۰

۵ مخطوطہ جو تعارف ۽ تحقیق:- مخطوطہ جو پارو ۲ سورۃ الطور کان سورۃ الحدید تائین ۲۴۸ صفحن تي مشتمل آهي ۽ تمام ضعيف حالت ۾ آهي جو سندس کاغذ هٿيءَ عرصي گذرڻ کري ٽڪجي ويو آهي، جو سندس عبارت کي سمجهڻ ۾ شديد دقت درپيش آئي ۽ ۽ مون مختلف لئبريرين[1] ۾ وڃي، مصنف جي طرفان حواشي طور نقل ڪيل ڪتابن جي حصول جي حتي المقدور کوشش ڪيم ۽ کافي ڪتاب حاصل ڪيم مثلاً:-

۱ تفسير معالم التنزيل ۲ تفسير رحماني ۳ تفسير معيني ۴ تفسير جامع البيان ۵ تفسير عباسي ۶ تفسير ابن ڪثير ۷ اتقان في علوم القرآن ۸ مسند امام احمد ۹ صحيح بخاري ۱۰ صحيح مسلم ۱۱ جامع ترمذي ۱۲ سنن ابوداؤد ۱۳ سنن نسائي ۱۴ مشڪوٰة المصابيح وغيره ۽ متن جي عبارت کي مذڪور بالا ۽ غير ڪتابن جي عبارات سان تقابل ڪيم ۽ جتي جتي فرق سامهون آيو تہ ان کي فٽ نوٽ تي واضح ڪيم.

۽ حوالات ۾ نقل ڪيل ڪتاب جيڪي ميسر ٿي نہ سگهيا تہ انهن جي پورائي لاءِ مون بين تفسيرن ۽ حديث جي ڪتابن جي مدد وٺي ۽ عبارت کي باهم ملائي صحيح طريقي سان متن کي نقل ڪيم. ۽ ان کان علاوہ متن جو سڀئي سنڌي ۽ ترجمو ڪيو اٿم جيڪو مڪمل تقريباً ۵۵۰ صفحن تي پهتل آهي. ۽ ان کان علاوہ مصنف جي سوانح حيات ۽ ڪارگذاري ۽ کي جامع صورت ۾ پيش ڪيو اٿم.

مزيد برآن واضح رهي تہ جن ڪتابن جا حوالا مصنف "رڳو آهن انهن کي بہ تحقيق سان واضح ڪيو اٿم ۽ ماخذ بہ ڪيا اٿم. ۱۰ ان سوا ۽ جن شين جي تفسير ۾ وڌيڪ معلومات لاءِ ضرورت سمجهيم انهن کي "فائدو" جي عنوان هيٺ واضح ڪيو اٿم. ۽ جن گاهين کي مصنف قدس سرہٗ اشارات ۾ تحرير فرمايو آهي احقر کوشش ڪري انهن جي تفصيل ۾ ڪيو آهي جيئن پڙهندڙن کي دشواري درپيش نہ اچي. مثلاً:- سورۃ والنجم جي آيت "ما کذب الفؤاد ما رأى هيٺ ڪيو اٿن" کما قالت عائشة" فقط" رسو تفصيل ص ۱۲۳ ۾.

۱۱ هڪڙيءَ طرح سورۃ والطور جي آخري آيت "ومن اليل فسبحه وادبار النجوم

---

[1] نيشنل ميوزيم ڪراچي ۲ سنڌ عربي يونيورسٽي ۳ سينٽرل لئبريري سنڌ يونيورسٽي ۴ سينٽرل لئبريري سنڌ زرعي يونيورسٽي ٽنڊو جام ۵ ڪتب خانه مدرسه عربيه دينيات اسلاميه ڪنڊيارو ۶ ڪتب خانه شيخ محمد نظامائي پروفيسر زرعي يونيورسٽي ٽنڊو جام ۷ وغيره

تحت عبادت گذار حضرات لاءِ مزید معلومات جي ضرورت کي لحاظ ۾ رکي وضاحت کئي آهي.

۶ مسودي جا ماخذ:- صاحب تفسير شيخ عيسلي قدس سره جن ڪتابن تان حوالا ورتا آهن انهنجا نالا ۽ ماخذ مقامي جي آخر ۾ منسلڪ آهن ملاحظه فرمايو.

۷ اهم نڪات:- واضح رهي ته هيءَ تفسير غالباً هڪ ئي نوعيت جا عامل آهن. مثلاً:- منقولات ٿي يا معقولات ٿي يا تصوف وغيره ٿي. پر شيخ عيسلي قدس سره جن جو تفسير انوار الاسرار هڪ ئي وقت گهڻن خوبين سان سرشار آهي. مثلاً منقولات کي به تحقيق شامل آندو آهي ۽ قوانين ۽ تجويد جي بنا تي قارئين حضرات جا ريا به پيش ڪيا آهن پر ساڳئي وقت صوفيانه انداز سان مخفي اشارن کي واضح ڪري پڙهندڙن جي خيالن کي به عروج تي رسايو آهي. جيئن سورة والنجم ۾ ڪيو آهي "والنجم طلوع صبح الطلب علي قلب الصادق بالسلوك والجذبة وشمس الحقيقة علي قلب العارف، اذا هوي اي نزل التجلي علي قلب المريد الخ ص ۱۷۱

۸ نتائج:- واضح رهي ته ڪتاب جو هڪ ئي مسودو هيسر ٿيو جو غالباً مصنف جي هٿ جو ڪيل آهي ۽ مسودو تمام مختصر حالت ۾ آهي جنهنڪري عبارت پڙهڻ ۽ سمجهڻ جي لحاظ کان ڪافي دشوار آهي. مون محنت ڪري بين تفسيرن ۽ حديث جي ڪتابن سان تقابل ڪري عبارت کي صحيح ڪي پڙهڻ جي قابل ڪيو آهي.

۹ مقامي جي متن ۾ جن ڪتابن جا حوالا ڏنا ويا آهن انهن جو تعداد تقريباً ۴۱ آهي. ۽ جن مفسرن ۽ محدثن ۽ سلف صالحين جي اقوال کي مصنف حوالي طور نقل ڪيو آهي انهن جو تعداد به تقريباً ۳۵ آهي. مون انهن ڪتابن مان ڪافي ڪتاب مختلف لئبريرين ۽ ذاتي ڪتب خانن مان حاصل ڪري متن جي عبارت کي ملايو آهي. ۽ جتي به عبارت ۾ فرق ٿوسڻ ۾ آيو تہ ان فرق واري لفظن کي نوٽ تي واضح ڪيو اٿم. ۽ جيڪي ڪتاب ميسر ٿي نہ سگهيا آهن

مثلاً:- تفسير مكي - تفسير سلمي - تفسير مجمع البحار - تفسير غاية الاماني وغير تہ پوءِ متن جي عبارت کي پين تفسيرن مثلاً تفسير مظهري - تفسير جلالين - تفسير ابن کثير - تفسير حقاني وغيره ءِ حديث جي ڪتابن جي لفظن سان تقابل ڪري عبارت کي صحيح ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. مزيد معلومات لاءِ حوالات ءِ امداد ڏيندڙ ڪتابن جو تفصيلي جائزو مقالي جي آخر ۾ موجود آهي ملاحظه فرمايو.

۳ ان کان علاوه اهم مقامات جي ضروري ءِ وضاحتي فوائد کي حاشيه تي تحرير ڪيو آهي.

۴ ازانسواءِ ڪتاب کي اهل سنت جي لاءِ خصوصاً قابل مطالعه ۽ مفيد بنائڻ لاءِ عربي متن جو سليس سنڌي ءَ ۾ ترجمو ڪيو آهي. اهڙيءَ طرح هي ڪتاب جديد ريسرچ جي قواعد کي پورو ڪرڻ ۽ هي مڪمل طرح هن جي لائق آهي ته هنکي طبع ڪرايو وڃي.

۵ ان کان علاوه مقالي جي اهم ملحقات کي به احتياط سان تحرير ڪيو آهي. مثلاً:- متن ۾ حوالي طور آندل ڪتابن جا ٽالا ءِ صفحن جي نشاندهي ۽ سلف صالحين جا ٽالا ءِ صفحات وڏي زحمت ڪري ءَ سان ڪيا آهن جيئن صفحن جي هنڌ سر جي مدد سان نهوالو آساني ءَ سان کولهي سگهجي.

۶ ۽ موضوعات جي فهرست به تفصيل سان ڏني آهي.

۷ ۽ جن ڪتابن تان مدد ورتي آهي انهنکي به تفصيل سان ڏيکاريو آهي.

۸ مزيد برآن واضح رهي ته هن ڪتاب جي مطالعه مان ديني مدرسن ۾ پڙهندڙ طالبن ۽ جامعات ۾ اعلى تعليم جي تحقيق ڪندڙ اسڪالرن کي خصوصاً ۽ اهل علم حضرات کي عموماً گهڻو فائدو رسندو. انجو سبب هي آهي ته اڪثر تفاسير عربي ۽ فارسيءَ ۾ تحرير ڪيل يا آهن ۽ کين جا اردوءَ ۾ ترجمو ڪيو ويو آهي، پر سنڌي زبان ۾ تفسيرن جو ترجمو

گهٽ تعداد ۾ ڪيو ويو آهي. جنهن ڪري سنڌي حضرات کي گهٽ
فائدو رسندو ۽ دپارٽمينٽ ۽ يونيورسٽي ۽ جو نالو روشن
ٿيندو. فقط

راقم الحروف
حافظ محمد عثمان ابن محمد يعقوب
ميمڻ. اسڪالر

اظهار تشڪر

آءُ پنهنجن استادن سائين پروفيسر ڊاڪٽر مدعي قادري صاحب
۽ پروفيسر ڊاڪٽر احمد اقبال صاحب ۽ محترم علامه غلام مصطفيٰ
قاسمي صاحب جن جو دل جي گهرائين سان شڪرگذار آهيان جن منهنجي
اخلاقي - تعليمي ۽ تحقيقي مدد ڪرڻ فرمائي. ۽ انهن حضرات جو به هٿ
دل ٿو رائتو آهيان جن هر ڪنهي وقت منهنجي همت افزائي ڪئي آهي
آءُ سنڌ يونيورسٽي جي شعبهٔ اسلاميات جي ترقي ۽ جو دعاگو آهيان، جو
هن شعبي جي معرفت سنڌ ۽ پاڪستان جي ٻين صوبن کان علاوه اسلامي
ملڪن جي محققن به اسلامي عنوانات تي مقالا لکي ڊگريون حاصل ڪيون آهن.
۽ سنڌ يونيورسٽي جي وائس چانسلر - رجسٽرار - ڪنٽرولر ۽ ٻين جملہ
افسران ۽ محققن ۽ معزز استاذن ڪرام لاءِ پڻ دعاگو آهيان. شڪريه

منجانب

حافظ محمد عثمان ميمڻ

حضرت شيخ المشائخ زينت العلمآءِ، سرئي الفقرآءِ، مسيح الاولياءِ شيخ عيسيٰ جند الله برهانپوري رَحِمَهُ اللهُ تعالىٰ جي تفسير انوار الاسرار عربيءَ جي متعلق تحقيق

بسم الله الرحمٰن الرحيم ٥

بيحد تعريف تنهن وڏي برڪت ۽ بلند شان واري ڏاڍي ڪي ئي سوهڻين ڀتي جنهن ڪامل شفقت سان پنهنجي پاڻ لاءِ هن ڪري قرآن ڪريم لاثوتہ جيئن اهي سندس رضامنديءَ ۽ ناراضگيءَ کي جلجلا سچائي سگهن ۽ نفس جي مڪارين ڪُڏن کان ۽ بچڻ ۾ عاوتن جي اونڌاين کان چونڪارو هن ۽ حضيرة القدس جي وات هن ۽ سندن پاڻهارا ڪائن راضي ٿئي.

نيڪ روشن هجي تہ حضرت شيخ عيسيٰ جند الله بن قاسم بن يوسف برهانپوريءَ جن اهل علم ۽ طلباءَ رشدين لاءِ ڪافي ڪتاب تصنيف فرمايا آهن جن مان بعض تصانيف سلسلئہ درس ۾ ئي وجود پذير ٿيون هيون ۽ بعض تہ سندن طالب علميءَ جي يادگار آهن.

علامہ غوثي حسن بن موسيٰ شطاري دڪني علم پنهنجي ڪتاب گلزار ابرار ۾ حضرت مسيح الاولياءَ قدس سرهٗ جي تصنيفات جو تعداد تيرهن عدد تحرير فرمايو آهي جن مان هڪ "تفسير انوار الاسرار" عربي آهي جيڪو قلمي صورت ۾ آهي. هي تفسير قرآن ڪريم جو معرڪة الآراءِ نظير لڌو تفسير آهي، هن ۾ قرآن شريف جي ڪن آيتن جو صوفيانہ صورت ۾ تفسير ڪيو ويو آهي، جهڙوڪ سورة طور ۽ سورة نجم ۽ سورة الرحمٰن جي هر هڪ رڪوع جو عام فهم ۽ مُرَجَّح طور تي ترجمي ۽ تفسير کان علاوه تصوف جي بحر عميق ۾ غوطه زني فرمائي صوفيانہ اصطلاحن ۽ طور طريقن تي تشريح فرمائي اٿن. ان بحر بيڪران مان گوهر جُستي اهو ئي ڪري

علم شجره ماخوذ از ڪتاب "اسلامي درسگاهه" سندي سوف بلڪ ترجمہ جن ٽالپر ص 156

سگھي ٿو جيڪو ان راءِ جو پاڻ ٻڌو ۽ عام جي رسائي کان بالاتر آهي.

بزرگن جڏهن هي تفسير لکڻ شروع ڪيو ته اطمينان لاءِ تفسير جا پهريان مسئلا پنهنجي استاد ۽ چاچي شيخ طاهر محدث رحمه الله جي خدمت ۾ سندن راءِ معلوم ڪرڻ لاءِ موڪليا ۽ ڪٽي ويندڙ ماڻهوءَ کي تاڪيد ڪيائون ته شيخ طاهر محدث رحمه الله کي اهو نه پڌائيو جي ته هي ڪنهن لکيو آهي ۽ موڪلينڊ تفسير آهي.

ان شخص اُهي پهريان جزا شيخ طاهر محدث رحمة الله عليه جي خدمت ۾ هي الفاظ چئي پيش ڪيا "حضرت مونکي هي ڪاغذ مليا آهن. ملاحظه فرمايو قابل مطالعه آهن يا نه"

حضرت محدث قدس سره جن غور ونظر سان ملاحظه فرمائڻ کانپوءِ گهٽي تعريف ڪئي ۽ فرمايائون ته "اي عزيز! تون خوش قسمت آهين جو تو کي هي ۽ نعمت ميسّر ٿي آهي. ٻيءِ ڪنهن وٽ جي جو تفسير عام علماءِ جي دسترس کان باهر آهي، هن انداز ۽ گهرائي ۽ سمائيءَ سان اهو خاص رسيده عالم يکي سگهي ٿو جيڪو غوث يا قطب جو درجو رکندو هجي."

اها ساميءَ افزا راءِ معلوم ڪري حضرت مسيح الاولياء قدس سره جن کي تسڪين ٿي ۽ وڌيڪ کوشش ڪري الهيءَ ٻي انداز سان تفسير کي اختتام تي پهچايائون، جڏهن حضرت شيخ طاهر محدث رحمه الله جي معلوم ٿيو ته هي تفسير حضرت مسيح الاولياء شيخ عيسيٰ جنڊ الله قدس سره جن لکيو آهي ته بي انتها مسرور ٿيا ۽ وٽن تشريف فرما ٿي کين مبارڪباد چيائون ۽ گهٽي محبت شفقت ڪرم ورتي هيئن فرمايائون.

"الحمد لله الله تعالىٰ مونکي ڪامل ڪيو ۽ اوهان کي مڪمل." ۳۴

هتي هڪ اعتراض ٿي سگهي ٿو ته اهو هي ته حضرت مسيح الاولياء جن تفسير جا پهريان تحقيقاتي راءِ حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجي استاد ۽ چاچي حضرت طاهر محدث رحمه

---

۳۴ نقل ڪيو آهي ڪتاب برهانپور کے سندھی اولیا تاليف سيد محمد مسيح الله راشد برهانپوري ص ۶۳-۷۱ ناشر سنڌي ادبي بورڊ طبع اول ۱۹۵۶ع

جن ڏاڻن موڪيا حالانڪ هُو صاحب ته حديث جي فن ۾ مهارت رکندو هو
نڪي تفسير جي فن ۾ پوءِ محدث صاحب تفسير جي اوڻاين متعلق پنهنجي مفيد
خيالن جو ڪيئن اجراءُ ڪيو؟

ان لاءِ جواباً عرض ته حضرت شيخ طاهر محدث رح جن حديث جي فن ۾ مهارت
رکڻ شاگرد وگڻ صاحب تفسير به آهن جو پاڻ به هڪ تفسير مسمّيٰ بـ "تفسير
مجمع البحار طاهري" پڻ تحرير فرمايو آهي جيڪو امام قشيري رح جي ڪتاب
"لطائف" جي طرز تي ڪيل آهي، ۱۲ مٿو حوالو ڈاڪٽر محمد جمن تالپر پنهنجي
ڪتاب "اسلامي درسگاهه" سنڌ ۾ جي ص ۱۶۱ تي ڏيڻ فرمايو آهي، ۽ خود سيد
محمد مطيع الله راشد برهانپوري پنهنجي ڪتاب برهانپور جا سنڌي اوليا
جي ص ۱۲ تي "تفسير مجمع البحار" جو حوالو ڏنو آهي ۽ ان تفسير کي شيخ طاهر
محدث رح ڏاڻن منسوب ڪري فرمايو آهي.

حضرت شيخ عيسيٰ جند الله برهانپوري رح جي تصنيفات جو ذڪر ڪندي مولانا
دين محمد وفائي پنهنجي ڪتاب "تذڪره مشاهير سنڌ" جي جلد ٽين ۽ ص ۳۲۲
۾ سيد حسن غوثي جي ڪتاب گلزار ابرار جو حوالو ڏيندي بزرگن جي پارهن
عدد تصنيفات جو ذڪر ڪيو آهي پر سيد محمد مطيع الله رح پنهنجي ڪتاب برهانپور
جا سنڌي اوليا ۾ تيرهن عدد تصنيفات جو ذڪر ڪيو آهي جن مان هڪ تفسير
"انوار الاسرار" عربي ۾ لکيل آهي ع ۳

مٿي ڏنل حوالن مان واضح ٿئي ٿو ته تفسير "انوار الاسرار" جي نالي سان

ع ۳ شيخ عيسيٰ جند الله رح جي تصنيفات جا نالا هي آهن. ۱ روضة الحسنىٰ ۲ عين المعاني. هي ٻئي رسالا
اسماء الحسنىٰ جي معنىٰ ۽ شرح ۾ آهن ۳ انوار الاسرار ۴ رسالو حاسن پنجگانه ۵ حاشيه بر شمائل ترمذي ۶ شرح
قصيده بُرده فارسي ۷ رسالو تبتل الى الله ۸ حاشيه بر شرح شمائليه ملا جامي ۹ فتح محمدي ۱۰ تتميم شرح مائة عامل
۱۱ رسالو عقود ۱۲ چل رباعين جا شرح ۱۳ ترجمه اسرار الوحي. (ڪتاب برهانپور جا سنڌي اوليا ص ۶۱-۶۳ ۽ ڪتاب تذڪره مشاهير سنڌ
مولفه مولانا دين محمد وفائي ص ۳۲۲)

بزرگ شيخ عيلي جند الله برهانپوري قدس سرهٗ جن ڪيو آهي. باقي رهيو مسئلو هن ڳالهه جو ته ڪيئن ثابت ٿئي ته هي ڪتاب جنهن جي اوهان تحقيق ڪري رهيا آهيو سو هوئي ساڳيو ڪتاب آهي جيڪو بزرگن تحرير فرمايو آهي. ان لاءِ عرض

ڪتاب، تفسير انوار الاسرار جي ثبوت ۾ - هن ڏس ۾ هيءُ ڳالهه قابل توجهه ۽ اعتماد آهي ته روزنامه جنگ ڪراچيءَ مورخه ۸ جون ۱۹۸۴ع جي هڪ رنگ رسايي جي صفحي ملائي "برهانپور جي سڌ اديبا" جي عنوان تي سيد عابد ميرقادريءَ لکيو آهي.

"تقسيم هند ۱۹۴۷ع کانپوءِ برهانپور جا ڏهن سٽن يا تارڪين وطن وري هجرت ڪئي ۽ هندستان جا مسلمان پاڪستان ۽ خصوصاً سٽن ۾ پهچڻ لڳا، انهن مهاجرن ۾ حضرت مسيح الاولياء شيخ عيلي جند الله رح جي خانوادي جو چشمو ۽ چراغ منهنجو جد بزرگوار حضرت علامه سيد محمد مطيع الله راشد برهانپوري به هو. ڪجهه ايام کانپوءِ ان زماني جي محقق سٽن پير حسام الدين راشدي مرحوم جي نگاهه جوهر شناس حضرت مطيع الله راشد کي تلاش ڪيو ۽ بصد ادب و احترام تاريخ سٽن جي هڪ عظيم ليکڪ گمشده باب جي تڪميل لاءِ درخواست ڪئي. ۽ علامه صاحب جن پنهنجي ضعيفي ۽ علالت هوندي به قوت ارادي کان ڪم ويٺي هن عظيم ڪارنامي کي انجام تي ڏنو ۽ تذڪره اولياء سٽن يکي سٽن جي تاريخ جو هڪ اهم باب مڪمل ڪيو ۽ سٽن ۱۹۵۶ع ۾ ڏيبي بورڊ ان ڪتاب کي ۱۹۵۷ع ۾ شايع ڪيو."

مزيد برآن گذارش ته ان ڪتاب جي ص ۲۱۷ ۾ علامه سيد محمد مطيع الله جن لکيو آهي ته ڪتاب "تفسير انوار الاسرار" سٽن يونيورسٽي جامشوري جي مين لئبريريءَ ۾ قلمي صورت ۾ موجود آهي.

بهرڪيف تفسير انوار الاسرار قلميءَ جي ڏسڻ جو شرف حاصل ٿيو. پر دل ۾ اهو به شوق پيدا ٿيو ته جوڻ هن ڪتاب جي ثبوت لاءِ جا نشانيون ڪجي ته جيئن وڌيڪ انڪشافات رونما ٿين. ان لاءِ مين لئبريري سٽن يونيورسٽي جامشوري جي اورينٽل شعبي جي انچارج

محترم شفیع محمد برڑھیي صاحب جن سان کتاب متعلق قیل وقال تي جنھن صاحب منھنجي کافي مدد کئي ۽ اھو قلمي کٹلاگ ٻڌ جنھن ۾ ٻين کتابن کان علاوہ حضرت مسیح الاولیا شیخ عیسیٰ جند اللہ رح جي تصنیفات پڻ تحریر ٿیل ھئي کٹي منھنجي اڳیان رکیو ۽ اھو به واضح کیائین تہ جیکي ٻه کتاب ھن کٹلاگ ۾ موجود ھن سي سڀ قلمي خواہ چپل سید محمد مطیع اللہ راشد برھانپوري صاحب کان سندن یونیورسٹي تي انتظامیا ضرورت کیا ھا جیکي راشد صاحب ھن ستان کان پاکستان ڏانھن ھجرت کري وقت پاڻ سان آندا ھا. ۽ کتابن شاگڏ پنھنجو مکمل قلمي کٹلاگ به سندن یونیورسٹي جي حوالي کیو ھائین.

ان قلمي کٹلاگ جي پڙھڻ سان "تفسیر الوار الاسرار" متعلق ھن طرح راز فشاني کیل ھئي. جیکا قارئین و ناظرین جي خدمت ۾ عرض رکان ٿو.

اھو تفسیر پارو ۲ سورۃ الطور کان سورۃ الحدید تائین آھي جیکو به سؤ اٽڪالیھ صفحن تي مشتمل آھي.

قلمي کٹلاگ جا ھیٺ لکیل تحریر کرڻ لفظ:-

فھرست مخطوطات معلوکہ	جرنل نمبر	کتاب جو نالو	اکائونٹ نمبر
راشد برھانپوري المتوفی ۱۹ اپریل ۱۹۶۰ع	71	تفسیر الوار الاسرار الطور تا الحدید	26583

مصنف و سن تصنیف

مسیح الاولیا شیخ عیسیٰ جند اللہ سندھي سنہ ۱۰۵۳ھ یا اس سے قبل

کیفیت مختصراً

دیدہ زیب پاکیزہ خط نسخ ۾ مسیح الاولیا کي وہ معرکۃ الآراء مسبوط و مدلل تفسیر آھي جیکو دیکھڻ کان پوءِ شیخ طاھر محدث سندھي صاحب تفسیر مجمع البحار نے فرط مسرت سان بے اختیار آپکو گلي لگایا تھا. اسي مخطوطہ ۾ صرف مذکورہ بالا سورتون تائین ئي کسي نے لکھي ختم کري ڇڏیو آھي.

انکان علاوہ بزرگن جي تصنيفات مان ڪتاب عين المعاني قلمي پڻ مين
لئبريري سنڌ يونيورسٽي جامشورو ۾ موجود آهي. جنهن جي ابتدا ۾ بزرگن
ڪتاب موصوف کي پاڻ ڏاهن منسوب ڪيو آهي. هن ڪتاب ۾ تصوف جي
ميدان ۾ بزرگن جيڪا گاڻپي ڪئي آهي، حالانڪ اهو ڪتاب اسماءُ الحسنيٰ
متعلق ڪيو ويو آهي. ان سان وابسته اشارات پڻ تفسير انوار الاسرار جي
پاري ۲۷ سورة والطور ۽ والنجم وغيره ۾ ڪيا آهن. جنهن مان ڏي
ڀاڪ عيان ٿئي ٿي ته تفسير انوار الاسرار ۽ ڪتاب عين المعاني پڻي هڪ
ئي مصنف جا ڪيل آهن.

مذڪور بالا تسلي بخش حوالات کي پيش نظر رکي پنهنجي اعلىٰ تعليم
جي ڊگري حاصل ڪرڻ لاءِ تحقيقي ڪم ۾ شيخ عيسىٰ جن الله قدس سرّه
جن جي ڪتاب تفسير انوار الاسرار عربي ۽ کي منتخب ڪيم.
قسمت هن ڀاظهر ڪ والله اعلم بالصواب و اليه المرجع والمآب.

راقم الحروف
حافظ محمد عثمان ميمڻ
اسڪالر پي - ايڇ - ڊي
شعبهٔ
يونيورسٽي آف سنڌ جامشورو

فهرست مضامین

باب پهريون

ترجمو - تفسير سورة الطور

مکي - آيتون ۴۹ - رکوع ۲

تفسير "انوار الاسرار" عربي ۽ ترجمه سنڌي.

عبارت	حوالا
ترجمه	ماخذ
تحقيق	تصحيح

تدوين

مرڪزي بحث - موضوع - نڪته

هن سورت ۾ هيٺين ٻاهين - موضوعن تي مفسر بحث ڪيو آهي.

عنوان	صفحه	عنوان	صفحه
سورة الطور جو تعارف	۲۳	جنتين جي رهڻ جو فولو	۵۱
توريت جي ڪتابت	۲۴	پهرئين رکوع متعلق موضياتي وضاحت	۵۶
بيت المعمور جي تعريف	۲۵	حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم	۶۵
بحر المسجور جو تفسير	۲۷	جن کي تسلي	
منڪرين لاءِ وعيد	۳۱	منڪرين کان روگرداني	۷۱
مؤمنن ۽ متقين جي لاءِ انعام	۳۴	۽ جيئلينج.	۷۶
مؤمنن جي اولاد کي درجي ۾	۳۷	وسبح بحمد ربك الخ جي تشريح	۹۱
سائٽ ملايو ويندو			
فائدو	۴۴	فائدو	۹۵
اهل جنت جي خادمن جو بيان	۴۷		
فائدو	۴۸		

باب بيو

ترجمو - تفسير سورة النجم
مكي - آيتون ٦٢ - ركوع ٣
تفسير "انوار الاسرار" عربي ترجمه سندي.

عبارت حوالا
ترجمه ماخذ
تحقيق تصحيح
تدوين

اهم مضامين

موضوع	صفحه
سورت جو تعارف ۽ نجم جو ترجمو ۽ شرح	١٠٠
فائدا و	١٠١
آنحضرت ﷺ جن کي صاحبڪم جي لفظ تعبير ڪرڻ جي حڪمت	١٠٤
افق الاعلى جو مفهوم	١١٥
علمه شديد القوى کان بالافق الاعلى تائين ضمائر جو رجوع	١١٣
قاب قوسين او ادنى جي مفصل تشريح	١١٧
فائدا و	١٢١
چاليهن اهم شين جو اظهار ۽ اتمام	١٢٣
ماڪذب الفؤاد ما رآى تحت مفسرين جا راءِ يا	١٣٧
فائدا و	١٣٩
سدرة المنتهى جو تفصيل	١٥٣
آيت ما زاغ البصر جو مفصل تفسير	١٥٨
لات - عزى ۽ منوة جي حقيقت ۽ پوجاري	١٦٢
پهرئين ركوع متعلق اشارات	١٧١

موضوع	صفحه
يقين ۽ ظن جو بيان	١٧٣
ڪبائر فواحش ۽ اللمم جو مفصل احوال	١٨٧
بخشش ۽ رحمت الهى ۾ اميد رکڻ	١٩٠
افرءيت الذى تولى الخ جو سبب نزول	١٩٤
ام عنده علم الغيب جو سبب نزول	١٩٦
آيت ان لا تزر وازرة الخ جو مفهوم	١٩٧
فائدا و	١٩٨
ان ليس للانسان الا ما سعى جو مفهوم	٢٠٢
وانه هو اماتو احيا متعلق صوفين جو نظريو	٢٠٣
وانتم سامدون تحت سوال وجواب	٢١٩
فائدا و	٢٢٣
آيت فاسجدوا لله واعبدوا جو مفهوم	٢٢٣
آخري ركوع بابت مخفي اشارات	٢٢٥

ترجمو-تفسير سورة القمر

مكي- آيتون ٥٥ رکوع ٣

تفسير "انوار الاسرار" عربي- ترجمه سنڌي.

عبارت حوالا

ترجمه ماخذ

تحقيق تصحيح

تدوين

فهرست مضامين

موضوع	صفحو
شق القمر جو معجزو	٢٣٢
منڪرين لاءِ وعيد	٢٣٢
حضرت نوح ع جي سندس قوم طرفان تڪذيب	٢٣٥
فائدو	٢٣٧
حضرت نوح ع جو پنهنجي قوم بدعا ٿيڻ	٢٣٧
پاڻي جو آسمان مان ٿڏن ۽ مدد ۽ نوعيت	٢٣٨
عاد قوم تي عذاب ڪهڙي ريت آيو	٢٥٢
سقر جو مفهوم ۽ عربن جي چوٽي	٢٥٨
تراڃيءَ کي منڊو ڪرڻ وارا ڪير؟	٢٦١
قوم ثمود جو نظريو حضرت صالح ع الاءِ انهن	٢٦٢
تراڃيءَ جي قتل ڪرڻ کانپوءِ عذاب	٢٦٢
تراڃيءَ کي قتل ڪرڻ جو اصل ڪارڻ	٢٦٣

موضوع	صفحو
بن عورتن جا نالا جن تراڃيءَ کي	٢٦٣
قتل ڪرائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو	
تراڃيءَ جي معجزي جو واقعو	٢٦٣
ولقد يسرنا القرآن جي تڪرار جو سبب	٢٧٠
ڪافرن کي چئلينج	٢٧١
آيت سيهزم الجمع جو مفهوم ۽ بدر	٢٧٢
جي ڏينهن ڪافرن کي شڪست ۽ پاڻ	
سڳورن ص جي دربار الهي ۾ التجا	
آيت انا ڪل شيءٍ خلقناه بقدر جو مفهوم	٢٧٥
قدريه- مرجيه- جبريه- معتزلي-	٢٧٨
سني ۽ قدريه جو نظريو	
فائدو	٢٨١
آخري رکوع جا مختصر اشارات	٢٨٢

باب چوٿون

ترجمو- تفسير سورة الرحمٰن

مڪي - آيتون ٧٨ رڪوع ٣

تفسير "انوار الاسرار" عربي ۽ ترجموسنڌي

عبارت	حوالا
ترجمو	ماخذ
تحقيق	تصحيح

تدوين

فهرست مضامين

موضوع	صفحو	موضوع	صفحو
سورة الرحمٰن جي فضيلت	٢٩٢	دعا جي اهميت	٣٣٢
خَلَقَ الْاِنْسَانَ جو تفسير	٢٩٥	آيت يمعشر الجن جو تفصيل	٣٣٦
عَلَّمَهُ الْبَيَانَ جي تشريح	٢٩٦	قيامت جون علامتون	٣٤٥
لغوي ماپ جوڪم	٢٩٩	خشيت الهي سان انعام	٣٤٧
الارض جي تشريح	٣٠٢	جنت جو تعارف ۽ تحفن جو بيان	٣٤٨
انسان جي تخليق	٣٠٥	حورُ عينٌ جو بيان	٣٥٦
جنن جي تخليق	٣٠٨	فيهن خيراتٌ حسانٌ ۾ اهم نڪتو	٣٦٩
كُلُّ مَنْ عَلَيْهَا جو تفسير	٣١٩	سورة الرحمٰن جي انتها جي سورة الواقعة	٣٧٦
فائدو	٣٢٣	جي ابتدا سان مناسبت	
حضور صلي الله عليه وسلم يا ذوالجلال والاڪرام جي ورد ڪرڻ جو حڪم فرمايو	٣٢٣	آخري رڪوع متعلق مخفي اشارات ۽ وضاحت	٣٧٧
آيت يسئله من في السموات جو تفسير	٢٢٧		
حضرت سيدنا عبدالقادر گيلاني رح طرفان "شان" لفظ جي تشريح	٣٣٢		

باب پنجون

ترجمو - تفسير سورة الواقعة
مكي - آيتون ٩٦ ركوع ٣
تفسير "انوار الاسرار" عربي ۽ ترجمو سنڌي

عبارت	حوالا
ترجمو	ماخذ
تحقيق	تصحيح

تدوين

فهرست مضامين

موضوع	صفحو
١ سورة الواقعة جو تعارف	٣٨٠
٢ آيت والسابقون السابقون الخ جي مفصل وضاحت	٣٨٢
٣ آيت ثلة من الاولين وقليل من الآخرين	٣٨٨
٤ ۽ ثلة من الاولين وثلة من الآخرين جي وضاحت ۽ شبهات جو رد	
٥ آيت وحور عين جي وضاحت ۽ اهميت	٣٩٦
٦ اصحاب اليمين جي معقول تشريح	٣٩٩
٧ في سدر مخضود الخ تحت مفسرين جا رايا ۽ قرار جو انبار	٤٠١
٨ آيت ظل ممدود تحت سوال وجواب	٤٠٣
٩ انا انشاناهن الخ جو مفصل احوال ۽ جنت ۾ زوجين جو مساوي العمر هجڻ جي حسن ۽ عورتن کي انتخاب جو اختيار	٤٠٧

موضوع	صفحو
١٠ پهرئين ركوع بابت صوفياڻو وضاحت	٤١٢
١١ آيت فلا اقسم بمواقع النجوم جو تفصيل	٤٢٠
١٢ لا يمسه الا المطهرون جو تفسير عبدالله	٤٢٢
١٣ ونحن اقرب اليه جو تفسير	٤٥١
١٤ مقربين ۽ اصحاب اليمين جي	٤٥٢
تعريف	
١٥ سورة الواقعة جا مزيد فضائل	٤٦١
١٦ آخري ركوع متعلق مزيد معلومات	٤٦٢

باب چھون

ترجمو- تفسير سورة الحديد

مدني - آيتون ۲۹ رکوع ۴

تفسير "انوار الاسرار" عربي ۽ ترجمو سنڌي

عبارت	حوالا
ترجمو	ماخذ
تحقيق	تصحيح
	تدوين

فهرست مضامين

موضوع	صفحو
۱ سورة الحديد جي مدني ۽ مڪي هجڻ ۽ آيتن جي عدد ۾ مفسرين جا راءِ يا	۴۶۷
۲ سَبَّحَ ۽ يُسَبِّحُ تي عربي گرامر مطابق تفصيلي نڪتا	۴۶۸
۳ آيت لهٗ ملڪ السمٰوٰت الخ جو تفسير	۴۷۱
۴ هوالاول والآخر الخ جو تفسير حديث ۽ تصوف سان	۴۷۲
۵ آيت هوالذي خلق السمٰوٰت والارض جو مفهوم ۽ مخصوص دعا	۴۷۷
۶ آيت يولج الليل جو تفسير ۽ فائدو	۴۸۲
۷ الله جي راهه ۾ خرچ ڪرڻ وارن لاءِ خوشخبري ۽ نڪوات نه ڏيندڙن لاءِ وعيد	۴۸۵
۸ ظلمت ۽ نور جي تصوف موجب تشريح	۴۸۷
۹ لايستوي منڪم من انفق جو سبب نزول	۴۹۱
۱۰ يقرض الله جو مفهوم ۽ قرض جو اطلاق	۴۹۴
۱۱ فائدو	۹۹۹
۱۲ آخرت ۾ جناب فرمان ۽ نور جو مقدار	۵۰۰

موضوع	صفحو
۱۳ آخرت ۾ منافقن جي مؤمنن کي اپيل	۵۰۴
۱۴ مؤمن کي سندن ڪاهيل تي الهي عتاب	۵۱۰
۱۵ سڃي ۽ بخيل لاءِ فرشتن جي دعا	۵۱۵
۱۶ مؤمن کي جنت جو انعام ۽ جنت جي وسعت	۵۲۴
۱۷ ما اصاب من مصيبة الخ جو تفسير	۵۲۸
۱۸ بارگاهه ايزدي ۾ دنيا جي حيثيت	۵۳۳
۱۹ لقد ارسلنا رسلنا بالبينت جو تفسير	۵۳۷
۲۰ ميزان جي حقيقت ۽ انجو اول نزول	۵۳۸
۲۱ حديد جو سبب نزول - تن ۽ چئن برڪتن جو نزول	۵۴۱
۲۲ ولقد ارسلنا نوحا وابراهيم الخ جو تفسير	۵۴۲
۲۳ ثم قفينا علي اثارهم جو تفسير	۵۴۴
۲۴ رهبانيت جو مفهوم	۵۴۵
۲۵ ٻن اجرن جا حقدار ڪير؟	۵۵۴
۲۶ الله جي فضل جو بيان	۵۵۷
۲۷ آخري رکوع متعلق مزيد معلومات	۵۶۳

بسم اللہ الرحمٰن الرحیم ۔

سوانح حیات

سیح الاولیاء حضرت شیخ عیسیٰ جند اللہ پاتائی ثم برھانپوری ابن شیخ قاسم سندی قدس سرھما العزیز ۔ سنہ ۹۴۲ھ تا سنہ ۱۰۳۱ھ۔

نالو ولادت ۔ حضرت سیح الاولیاء رحمۃ اللہ علیہ جن جو آبائی وطن اصل وطن ۽ خاندان قمبہ گون پاتڑي (پات نھلح دادو) سنڌ آھي ۔ ھي قمبو سندن وڏن آباد کيو ۔ جڏھن ھمايون بادشاہ جي سنڌ ۾ آمد ٿي تڏھن سندن ابتري پکڙي ، شورش ۽ بد امنيءَ سبب دل برداشته ٿي سندن والد ماجد حضرت شيخ قاسم بن شيخ يوسف سندي ۽ سندن چاچو شيخ طاھر محدث قدس سرہ جن پنھنجي عزيزو اقارب ۽ پوري خاندان سميت سنہ ۹۶۵ھ ۾ وطن مالوف کان ھجرت کري جنوبي ھند ڏانھن روانا ٿيا ۔

سنڌ وطن کان احمد آباد ۔ گجرات ۽ اتان ايلچپور برار پھچڻ ۾ حضرت سيح الاولياء رح جي والد ، چاچي ۽ متعلقين کتب جي تمام گھٹين ڪيترن ڏينھن ۾ پار لھيون ۔

جڏھن شيخ طاھر محدث رح "ايلچپور برار" (شھر جو نالو آھي) روانا ٿيا ، تہ اتان ڏينھن ۾ برار جو نظم و نسق نڌال خان جي ھٿ ۾ ھو ۔ اُن حضرت شيخ طاھر محدث رح جي زھد ۽ تقوىٰ ۔ علم ۽ فضل جي شھرت ٻڌي تہ وڏي اصرار ۽ نياز مندي ۽ سان محدث صاحب کي برار اچڻ جي استدعا ڪئي ۽ جڏھن ھي خاندان نڌال خان جي استدعا منظور ڪري ايلچپور برار پھتو تہ علم دوست خاندان سائڻ شايان شان احترام ۽ توقير جو سلوڪ ڪيو ۽ محدث صاحب جن کي اتان (ايلچپور برار) جي دار العلوم جون ذميداريون سوپيون ، نقد جي پيشڪش کان علاوہ زرخيز زمين جي ھڪ جاگير ۾ بطور نذرانہ پيش ڪئي ۔

حضرت شیخ محدث جاگیر ۽ خانه داري جي سنبال جو ڪم بنهنجي
نندي پاڻ ۽ حضرت میاں الاولیاء جي والد بزرگوار حضرت شیخ قاسم جي
سپرد ڪيو. سنہ ۹۶۲ هه ۾ حضرت شیخ میاں الاولیاء جي ولادت کان ڪجهه
اڳيم حضرت شیخ قاسم جي اهل ۽ حضرت میاں الاولیاء جي والده ماجده
جي غيبي بشارتون ملڻ لڳيون. انهن ڏينهن ۾ حضرت شیخ قاسم گهر ۾ موجود
نه هئا بلڪ زمين جي ضروري ڪمن لاءِ جاگير ڏانهن ويل هئا. حتي ڪر
مورخه ۱۵ ذي الحج سنہ ۹۶۲ هه آچر جي رات حضرت میاں الاولیاء جي ولادت
باسعادت عمل ۾ آئي. سندن والد صاحب جي گهر ۾ عدم موجودگيءَ سبب
حضرت شیخ طاهر محمد محدث (حضرت میاں الاولیاء جي چاچي) مولود مسعود +
جانالو "شیخ عيسيٰ" رکيو.

حضرت شیخ قاسم کي جڏهن پٽ جي ولادت جي خبر زمين تي
پهتي ته پاڻ گهر تشريف فرما ٿيا ۽ فرزند ارجمند کي ڏسي تمام گهڻو
خوش ٿيا ۽ نالو به پنهنجو فرمايائون ۽ وڏي پاڻ شیخ محدث کي مبارڪباد
پيش ڪيائون.

ولادت کان ڪجهه عرصو اڳ گهر ۾ جيڪي غيبي بشارتون ملڻيون
هيون انهن ۾ مولود مسعود جو نالو "سليمان" رکڻ جو اشارو هو. جڏهن +
انهن خبر شیخ قاسم کي پٽي ته پاڻ چوڻ لڳا "ڪاش هن پار جو نالو سليمان
رکيو ويو ها". پر وڏي پاڻ جي راءِ ۾ ترميم مناسب نه ٿي سمجهيائون. البت
شیخ طاهر محدث جي عدم موجودگيءَ ۾ میاں الاولیا کي "سليمان" جي
نالي سان پڪاري پيار ڪندا هئا[1]

---

[1] (برهانپور جا سڌارڪ اولياء ص ۱۶)

وڏو شعيب :- حضرت شيخ طاهر محدث رح حضرت مسيح الاولياء جو نالو عيسيٰ هن کري رکيو جو شيخ محدث جي چاچي جو نالو پڻ عيسيٰ هو جو پنهنجي وقت جو وڏو عالم ۽ زبردست عالم هو. ان جي نالي جي معنوي برڪت شيخ عيسيٰ کي مسيح الاولياء مسيح منقبت بنايو ڇڏيو. نه صرف ايترو بلڪ ذات گرامي مسيح القلوب جي حوبي سان ارباب اخلاص جي دلين کي زندگي بخشيندڙ ثابت ٿي -

ظاهري تعليم و تربيت :- حضرت شيخ مسيح الاولياء جن مذهبي تعليم جي ماحول ۾ اک کوليو هئي. چوٿين سندن چاچو شيخ طاهر محدث متبحر عالم هو ۽ ساڳئي وقت باطني علوم ۾ به صاحب بصيرت هو. ۽ وري سندن والد محترم پڻ صاحب علوم هو، ۽ روحاني ڪمالات سان سرشار هو. عه[2]

ان مذهبي تعليم جو اثر ظاهر ٿيو ۽ ان وقت جي لاثاني استاد ملا اسماعيل ابوالفرح سراج الدين اسماعيل بن محمود سندي متخلص فرحي وٽ قرآن پاڪ جي تعليم[1] ۽ ويهاريا ويا ۽ ڏهن[9] سالن جي عمر جا ٻڌاتا قرآن کريم جي صحيح ۽ پختي حفظ کان فارغ ٿي علوم متداوله ڏانهن متوجه ٿيا.

پنهنجي چاچي شيخ طاهر محدث کان فقه ۽ حديث جي تڪميل ڪيائون. قرآن و تجويد ۽ تصوف جي تعليم کان پڻ بهره ور ٿيا. سندن جو اڃا ڇوڪرائي هوندو هو ته محرم الحرام ۹۸۱ھ ۾ ايلچپور برار ۾ والد محترم جو سايه عاطفت سر تان اچي ويو ۽ کين ايلچپور برار ۾ ئي دفن ڪيو ويو.

حاشيه :- حضرت شيخ مسيح الاولياء پنهنجي والد محترم جي روحانيت متعلق فرمايو آهي ته "جڏهن اڪبر بادشاهه جبرا مونکي پاڻ سان گڏ ڏيڻي ويندو هو تڏهن مونکي سندس سختين ۽ پابندين سبب ڏاڍي پريشاني ٿيندي هئي ته ڏينهن منهنجي والد خواب ۾ اچي مونکي تسلي ڏيندي ۽ سندي زبان جو هيءُ شعر پڙهيو جنهنجي مفهوم ۽ مدعا تي عمل ڪرڻ سان جلدئي مونکي آزادي ملي ۽ برهانپور اچڻ جي اجازت حاصل ٿي ويئي (ڪتاب برهانپور ۽ سندس اولياء) . سيد مسيح الله شاهه مذڪوره ڪتاب جي صفحه ۵۲ ۾ لکيو آهي ته علامه غوثي ۽ واقعو ته لکيو پر اهو سندهي شعر نه لکيائين. افسوس اها منزوري شيئي ڪٿي وڃي معلوم ٿيئي هئا -

برهانپور روانگي :- ۹۸۱ھ جي دوران نعال خان جو به انتقال تحويو ۽ سلطنت برار جو نظام درهم برهم تي ويو. حضرت مسيح الاولياء جي خاندان جي فيض رساني جي شهرت قريب و بعيد گردو نواح ۾ پکڙجي چڪي هئي ۽ برهانپور جو والي محمد شاهه فاروقي، حضرت شيخ طاهر محدث کي برهانپور تشريف کٽي اچڻ لاءِ عرضي کان منٽون کندو رهندو هو.

سقوط سلطنت برار کان فوراً بعد ۹۸۲ھ ۾ حضرت شيخ طاهر محدث مسيح الاولياء ۽ پين سڏي عزيزن و اقارب کي ساڻ ڪري برهانپور روانا ٿيا. برهانپور پهچڻ تي محمد شاهه فاروقي سندن وڏي عزت ۽ تعظيم ڪئي ۽ شايان شان موڻي سان احترام ڪيو. ۽ سندن رهائش ۽ متعلقين جي سکوڻ لاءِ شاندار هلات نذر ڪئي ۽ نقد و منهوريات لاحقه سان به کين بي نياز ڪيو.

برهانپور ۾ شيخ يوسف بنگاليءَ جو مدرسو جاري هو. مسيح الاولياء شيخ عيسيٰ پنهنجي چاچي شيخ طاهر محدث قدس سرهٗ جي درس کان فارغ التحصيل تي چڪو هو ۽ پاڻ هم علم و فضل جي شيخ يوسف جي درس ۾ شريڪ ٿيا ۽ جلدئي اتان تعليم کان فراغت حاصل ڪيائون ان هوندي به کين علم جي جستجو ۽ خدا طلبيءَ جو جذبو برانگيخته هو ۽ چاچي محترم جي مشوري سان سير و سفر جي تجويز حاصل ڪري پنهنجن مٽ مائٽن ۽ گهرداڻن کي پروردگار حقيقيءَ جي سپرد ڪري توڪلت علي الله جو مُرهو ڀري ۹۸۲ھ ۾ برهانپور ڇڏڻ روانا ٿيا. گوالیار پهچي حضرت غوث الاولياء محمد غوث گوالیري جي روضي مبارڪ جي زيارت ڪئي ۽ بيحد روحاني لذتون حاصل ڪيائون.

آگري ۾ حضرت قاضي جلال الدين ملتاني سان ملاقات ڪيائون. ان بزرگ

وڏي شوق سان شيخ طاهر جو ڪائنُ احوال پڇيو ۽ حاضر مجلس مان ملا ابوبڪر عطاءُ اللهُ ۽ حڪيم اسحاق ملتاني سان سندن تعارف ڪرايائين ته شيخ عيسيٰ، حضرت محدث جو برادر زاده آهي ۽ الهن بزرگن ۾ سندن وڏو احترام ڪيو ۽ شيخ الاولياء کي پرهنجي خانقاه ۾ مهمان رکيائون، ۽ اعليٰ درجي جو طعام ڪثرت سان وٽن اينڊو ڪيو. ايتري تائين جو پاڻ ته ڪائيڏ اهڙا پرسندن بچيل کاڌي مان حاضرين ۾ ڇيٽ ڀري ڪائيڏ اهڙا. هڪ ڏينهن ڪين اهو خيال ٿيوتہ مون فقير ۽ توڪل جي غرض سان وطن کي الوداع ڪيو هو هتي ته اميرانہ زندگي بسر ٿي رهي آهي، شايد اللهُ تعالىٰ منهنجي تمنا قبول نہ فرمائي.

چند ڏينهن بعد سندن چاچي شيخ طاهر محدث رح جو ڪين خط ملتو جهن ۾ لکيل هوتہ برهانپور ۾ حڪيم عثمان بوڪاني جيڪو وڏو باعظمت عالم آهي تشريف فرمائي آهي. تو هان هت اچو ٿي سگهي تہ الهن جي درس مان اوهانکي دلي تسڪين ميسر ٿئي.

حضرت شيخ الاولياء برهانپور واپس آيا ۽ حڪيم موهوف الصدر جي درس ۾ شريڪ ٿيا. علوم عقليہ، نقليہ ۽ تجويد جا ڪتاب پڙهندا رهيا. مطلب تہ شيخ الاولياء کي طلب علم جو فطري ذوق هو جملہ علوم و فنون ۾ فاضل اجل استاذه جي شاگرديءَ ۾ رهي هڪ علميہ فن کي انتهائي ڪمال تائين پهچايو. شيخ مبارڪ سندئي کان اصول فقه ۽ علم ڪلام ۾ سندن فضيلت حاصل ڪيا هئن. شيخ فتح اللهُ شيرازي کان رياضي ۽ علم عروض سکيا هئون. شيخ ابراهيم قاري ملقب مرغ لاهوتي کان تجويد ۽ قرأت ۾ جبرئيلي لهجہ جي تعليم حاصل ڪيائون.

باطني تعليم:- ظاهري تعليم دوران حضرت مسيح الاولياء جن کي مرشد طريقت جي جستجو دل ۾ موجزن هئي، انهن ئي ڏينهن ۾ هڪ دفعي پاڻ بازار جي چوڪ ۾ هڪ دڪان تي ويٺا هئاته حضرت شيخ لشڪر محمد عارف ۽ سندن ماموں شيخ ولي محمد اتان اچي لنگهيا. حضرت مسيح الاولياء کي ڏسي انهن بنهي بزرگن ماڻڪ کان درياڻ ڪيو ته هي نوجوان ڪير آهي؟ جواب ۾ کين ماڻڪ ٿيو ته هي شيخ طاهر محمد جو پائيٽو آهي ۽ شيخ عيسيٰ سندن نالو آهي.

شيخ محمد عارف گهوڙي جي واڳ جهلي، کين مخاطب ٿي فرمايوته "توهان ته اسانجا آهيو، اسانوٽ ڇو نه ٿا اچو" ائين چئي روانا ٿي ويا. حضرت مسيح الاولياء سوچيو ته هن ته هڪ عجيب و غريب گالهه ڪئي آهي ڇو ته کهن وقت سندن ملاقات ڪري اچان.

هڪ ڏينهن پاڻ شيخ لشڪر محمد عارف جي خدمت ۾ پهتا ان وقت کين بيعت ڪرڻ جو خيال نه هو ڇو ته کين بنهدجي علمي تبحر ٿي ايترو ته نازهو جو کهن ٿي به فڪر نه آڻيندا هئا. پر جيئن جيئن شيخ لشڪر محمد عارف جي مجلس ۾ داخل ٿيندا ويا تيئن تيئن سندن طبيعت ٿي خاص اثر محسوس ٿيندو ويو ۽ آخر بيعت کان مشرف ٿي زمره مريدين ۾ داخل ٿيا.

فيضرسان شيخ بنهدجي عالم ۽ فاضل مريد ٿي بنهدجي فيضان باطن سان بهره ور فرمايئ شيخ عيسيٰ مان شيخ مسيح الاولياء مسيح القلوب بنايئ چڏيو نه صرف ايترو پر اهڙي منزل تي پهچايئ چڏيو جو محمد قاسم فرشته فرطه ارادت سان چيو آهي. شعر

دو عيسيٰ هست فرخنده در نسل آدم - يڪے ابن قاسم يڪے ابن مريم.

حضرت مسيح الاولياء جي مجاهدڙ نسل جي هڪ روايت سندن برگزيده
خليفي حضرت شيخ برهان الدين راز الهيٰ کان منقول آهي ته حضرت شاهه
لسڪر جي اشاري تي حضرت مسيح الاولياء جن درياه "تاپتي" جي ڪناري
تي هڪ متوڪلانه چلو ختم ڪيو. چاليهن ڏينهن تائين اهوئي معمول
رکيائون جو غيب کان ڪجهه پوچي ڏيوتہ ان سان ورنہ تہ نماز جي پنن سان
افطار ڪندا هئاء فرمائيندا هئاتہ نمڪ جا پن ڪڙا ان ڪري مٺا معلوم ٿيندا
هئا.

حضرت مسيح الاولياء جن تقوليٰ ۽ توڪل جا پڌرڪار هئا روپين ۽ پئسن سان سندن
دلچسپي گهٽ هوندي هئي. شيخ اسماعيل فرحي ڪشف الحقائق ۾ ۱۰۴۳ھ ۾ لکيو
آهي تہ "هڪ پيري خان خانان عبدالرحيم خان، حضرت مسيح الاولياء جي خانقاه
۾ رات جو داخل ٿيو ته وقت علماء و مشائخ جي مجلس گرم هئي. خان
خانان مجلس ۾ شريڪ ٿيو ۽ رخصت ٿيڻ وقت تي پاڇا سؤ يا ڪم و بيش
روپيه نذرانو پيش ڪري روانو ٿيو. حضرت مسيح الاوليا جي عادت هوندي
هئي تہ پئسا پاڻ نہ رکندا هئا. نذرانه ۽ فتوحات جي رقم هڪ معتمد خليفي
شيخ محمد سندي جي حوالي هوندي هئي ۽ هو خانقاه جي مستحقين کي ضرورت
مطابق تقسيم ڪرڻ تي مامور هوندو هو. پاڻ شيخ محمد کي طلب ڪيائون پر
معلوم ٿيو تہ هو گهر ويو هيو. پاڻ فرمايائون تہ ڪيس سڏ ڪريو. ۽ جڏهن
شيخ محمد آيو تہ حضرت مسيح الاوليا جن ساڻس غير وقت طلبيڻ تي معذرت ڪئي
۽ خان خانان کان ملهه رقم سندس حوالي ڪري ڪيس اجازت ڏنائون تڏهن ڪٿن
اطمينان ٿيو ۽ آرام جي نند ڪيائون.

حضرت مسيح الاوليا جن جي تقوليٰ ۽ توڪل جو هوشان هن پرطاهري وهنج
۽ لنگر خانه جي رونق ڏسي ماڻهو ڪي گمان هوندو هو تہ پاڻ بزرگ ۽ دولتمند
آهن.

حضرت مسیح الاولیاء جن پنهنجي توکل ۽ بي نياري سبب وڏي مدرسي ۽
ٻڌي مدرسي ۽ مسجد ۽ خانقاه جون عمارتون آهسته آهسته پڪيون ٿرايون ٿن
انهنجو خرچ جيڪو ڏٺن نذرانو ايندو هو ان مان پهريون خانقاه جي واسته
افراد جي حقوق جي ادائيگي کانپوءِ جو بچندو هو ان سان عمارت سازيءَ ۾
صرف ڪندا هئا حتيٰ ته ڪڏهن اهو وقت ايندو هو جو ڏٺن لڪ ڏاڪو به
باقي نه رهندو هو

حضرت مسیح الاولیاء قدس سرہٗ جن جون خصائص :- حضرت مسیح الاولیا قدس
سرہٗ جي ذات گرامي سراپا ڪرامت هئي پر پاڻ خرق و عادات ڪي هروقت
قادر هجڻ جي باوجود اظهار ڪرامت کان گريز ڪندا هئا ۽ پنهنجن ماڻهن
کان مريدن کي به اهوئي تاڪيد ڪندا هئا ته اظهار ڪرامات کان دور رهن ۽
ضمناً هي واقعو ڏسڻ ۾ آيو هڪ دفعي مالڙو حضرت شيخ شڪر عارف باالله جي مجلس ۾
۽ اولياء الله جي ڪرامتن جو ذڪر ڪندا هئا تہ پاڻ ان کي پسند نہ ڪندا
هئا . ڪجهن شخصن دريافت ڪيو تہ چا اوهان مٿن خدا جي هن فضيلت
کي اعتماد نہ ٿا ڪريو ؟ پاڻ فرمايا ٿون تہ مون اولياء الله جي ڪرامات جو منڪر
نہ آهيان نڌو ئي سڀاڻ ليڪن مالڙو ڪرامتن کي ئي اولياء الله جو ڪمال سمجهن
ٿا . اهو غلط آهي ۽ موٽڪي پسند نہ آهي ڇو تہ ڪرامت تہ الهن جي روحاني قرب
۽ فضيلت جي مقابلي ۾ ادنيٰ ترين درجو آهي ڇو ته ڪرامت هڪ شيءَ کي اعلىٰ مدارج ڏي
موقعيت ڏيڻ ۾ الهن بزرگن جي هڪ قسم جي توهين آهي .

شيخ اسماعيل فرحي ڪي ٿوٿ موٽڪي ٻڌايا تہ حضرت مسيح الاولياء قدس سرہٗ جن جي پيرن
کي زور ڏيڻ جي سعادت حاصل ٿيندي هئي ليڪن عجيب ڳالهہ هئي ٿيندي هئي تہ پيرن
کي زور ڏيڻ وقت مون کي ڪنڌ هوس ڪندڙ هوس تہ جو چند لمحات لاءِ منهنجو
عروج بي ساخته پستيءَ ڏانهن رجوع ڪي ويندو هو ، مون ان محاملي کان
انڊيئي منڊي تہ بزرگن کان انجو سبب دريافت ڪيو پيرو مرشد فرمايو تہ

ته اهل رياضت جا مؤکل هر حال ۾ سندن محافظ هوندا آهن زورن ڏيڻ ۾
ائين به ٿيندو آهي جو ڪڏهن واردات ويندا آهن ۽ ڪڏهن وري پڄي
به پوندا آهن ۽ ان وقت برائے نام ڪجهه ايذاءُ به ايندو آهي مؤکل ان کي
برداشت نه ڪندا آهن ۽ هو ان لاءِ ۾ سزا طور خاص کيفيت کان
متنبه ڪندا آهن .

مولانا اسمٰعيل فرمائي ٿو ته هڪ منهنجو دوست ٻاڻي عبدالحڪيم هو جيڪو
سياح هو ۽ سياحيءَ جي ذوق ۾ ويڄهي ۽ پري جي بيشمار اولياڻن ۽ حضارسيده
بزرگن کان فيض حاصل ڪيو هٿائين ۽ ملڪ سراندیپ ٻاهين سير ڪيو هٿائين
۽ ڊڏهن برهانپور ۾ وارد ٿيو ته اتي ئي رهي پيو ۽ شهر کان ٻاهر هڪ ٽڪيو ٻنائي
بودوباش اختيار ڪيائين ۽ حضرت مسح الاولياء قدس سرهٗ جن سان مندس وڏي
عقيد تمندي هئي ۽ اڪثر مجالس ۾ حاضر ٿيندو هو. عبدالحڪيم سياح جي خود
جي بياني آهي ته هڪ ڀيري عيد جي ڏينهن خانقاه حضرت مسح الاولياء ۾
حاضر ٿيڻ جي ارادي سان روانو ٿيس دل ۾ خيال ڪيم ته حضرت قدس سره جي
جي ولي ڪامل هجڻ ۾ ڪهڙي شڪ آهي . ڪاش! اڄ جيڪڏهن منهنجون
هي ٻه ڳنڍڙون حضرت قدس سرهٗ جي ڪرامت ۽ ولايت تصرف سان پوريون
ٿي وڃن ته زهي نصيب .

هڪ ڳڻتي هيءَ ته خانقاه جا سيپ سنگريزه (ٻڌا جواله وڏا) سون ۽ چانديءَ
جا ٿي پون. ٻي ڳڻتي هيءَ ته اڄ عيد جو ڏينهن آهي هر گهر ۾ سيون پڪيون
هونديون مگر مونکي گرم گرم مانيءَ جهڙن ٻي ڳيرن ڳل هجي ڪاڙ لاءِ ملي .
عبدالحڪيم سياح چوي ٿو ته اهي خيالات دل کان زبان تائين ٻه مون نه آندا
هڪ ته مجلس ۾ داخل ٿيس چا ڏسان ته صحن جا سيپ سنگريزه في الحقيقت
سون ۽ چانديءَ جا هٿا . هون چا هيوته ٻڌ ٻڌرگا ڪجهه ڪٽان ڪڙهت نه

ٿي. سامهون ٽنڊ تي حضرت سيح الاولياء قدس سرهٗ فرمايو "جهن مالهو پيغمبر خدا صلي الله عليه وسلم جن کان معجزو طلب ڪندا هئا ۽ ان ڪي ڏسي ايمان آڻيندا هئا پر هو وصال جن کان محروم رهندا هئا ۽ جيڪي مالهو معجزي جي طلب کان سواءِ ايمان آڻيندا هئا اهي فائز المرام (مقصدن ۾ پهچندڙ) هوندا هئا.

سياح جو چوڻ آهي ته اهي لفاظ ٻڌي مونکي مڪمل گهٽي پشيماني ٿي ۽ شرم ۾ ٻڏي ويس ۽ زيادهه ترس جي جرأت نه ڪري سگهيس ۽ پنهنجي ڪيبن ۾ واپس هليو آيس. مون اچي ڪيبن ۾ ويهي ٿي مٿس ته ڪفن اجنبي شخص مونکي گرم گرم مانيون آڻي ڏنيون جن ٿي گيم ڦڪل هو. جناب فرحي صاحب ڪي ٻڌايو ته هي واقعو خود سياح صاحب مون سان بيان ڪيو ۽ مان ان جي تصديق مطابق الفاظ درج ڪري رهيو آهيان.

اولياءَ را هست قدرت از الله + تير جسته باز گردانند زراه.

حضرت شيخ عيسيٰ قدس سره جن جي خانقاه سان گڏ هڪ پير جو ڳوٺ هو جڏهن وٽن مالهو ڪثرت سان رڇ ڪري پنهنجا مرض ۽ تڪليفون بيان ڪري استمدار طلب ڪندا ته پاڻ فرمائيندا هئا ته هن پيرمان هڪ پن پٽي وڃو پاڻ ان پن ٿي ڪجهه ڪندا هئا ۽ ڪڍهن ان پن ٿي دم ڪري ڏيندا هئا مٺهور آهي ته هرهڪ مالهو جي سڌس تڪليف دور ٿي ويندي هئي مالهو سڌن برڪت انفاس سان گڏ پير جي وڻ جي به تبرڪ سمجهي ڳالهه حال ڏسي بزرگن جي خيال ٿيو ته آهستي هلي الهي مالهو انهيءَ پير جي پوڄا نه ڪن. لهٰذا ان وڻ جي پاڙون ڪيرائي ڇڏيائون.

وڻ جي ڪپجڻ کان پوءِ پاڻ منهن ريتندن جي پاڻيءَ ٿي دم ڪري ڏيندا هئا

ڪ حاجتمندن جي فائدو ملندو رهيو . بعض مريدن حضرت بابا عبدالستار[۳] کان پڇيو تہ حضرت مسيح الاوليا جن ڪهڙو اسم پاڻ جي ڏمڪري ڏيندا هئا انهن چيو تہ پنهنجي مرشد جو نالو يعني "شيخ لشڪر محمد عارف" ڏمڪري ڏيندا هئا. حضرت مسيح الاولياء جن پنهنجي مرشد حضرت شيخ لشڪر محمد عارف جي نگاهہ ۾ ايتري قدر محبوب ۽ مڪرم هوندا هئا جو پنهنجي ٻن فرزندن هڪ ملڪ حبيب ۽ ٻئي شيخ بايزيد صاحب علوم وادراڪ جي باوجود پنهنجي جان نشيني ۽ سجادگي جي ڪاءِ سندن نالو تجويز ڪيائون جملي اولاد ۽ واسطيدارن جي ڏڪري ۾ هدايت فرمايائون تہ موڪلن پوءِ شيخ عيسيٰ سجاده نشين ٿيندو ۽ منهنجا فرزند سپاهگيري جي ملازمت ڪن جو سندن آباو اجداد جو ڀرين شغل رهيو آهي انهيءَ وصيت جي عمل ٿيو ۽ شيخ جي مسند رشد و هدايت سان متعلقات حضرت مسيح الاولياء جن سان وابستہ رهي ۽ سعيد مرشد زادن ڪڏهن بہ دست انداري يا والد محترم جي وصيت کان انحراف نہ ڪيو حالانڪ ملڪ حبيب تہ شاهي فوج جو نامور ڪارگذار رهيو ۽ سبب ڏڪ صاحب اثر ۽ بهادر بہ هو ملڪ انهن پنهي فرزندن حضرت مسيح الاولياء سان نهايت نياز مندانہ ۽ خوشگوار تعلقات رکيا.

حضرت مسيح الاولياء جو درس و تدريس :- حضرت مسيح الاولياء فجر جي نماز کان ڏي اشراق تائين پنهنجي عمل ۽ وظائف ۾ رهندا هئا ان کان پوءِ مدرسي ۾ تشريف فرما ٿيندا هئا ۽ ڀرڪ ڀڳائي فرش تي ويهي درس ڏيڻ ۾ مشغول ٿيندا هئا. ۽ سندن دستور هو ڏو هو جو درس کان پوءِ الهيءَ جاءِ تي بہ رکعتون

---

[۳] بابا عبدالستار ، حضرت مسيح الاولياء شيخ عيسيٰ جند الله قدس سرهٗ جن جو فرزند عالي هو سندن ولادت تقريباً ۹۸۳ھ ۾ واقع ٿي آهي (ڪتاب برهانپور کے سندهي اولياء ص۵۳)

ملولة المنتهی پڑهندا هئا ۽ گڙهن دولت خانديم وڃي تازه وضوء سان ملولة المنتهی پڙهندا هئا. حضرت سيد الاولياء قدس سرهٗ جن جي درس ۾ ايتري ته جاذبيت هئي جو طالبن کان علاوه اهل ذوق سامعين جو گهڻير تعداد به درس ۾ موجود هوندو هو. پاڻ پڙهندڙ فيض رسان استاذ الشيخ طاهر محدث ۽ حڪيم عثمان بوبکاني وانگر شهرت رکندا هئا. متعدد علماء ۽ معاصرين مشائخ جي حالات ۾ ڪيترائي گاهه صراحت سان مذڪور آهي ته اڪثر بزرگ علماء جيڪي پڙهندڙ طالبن کي. مختلف علوم جي ونڊ ڪتابن پڙهائڻ ۾ پد طولیٰ رکندا هئا سي به سندن درس ۾ ڀڙڻ لاءِ روزانه پابنديءَ سان ميلن جا ميل پنڌ ڪري ايندا هئا. پاڻ فرداً فرداً به ترقي يافته طالبن کي اعلیٰ ڪتاب پڙهائيندا هئا ۽ جماعتي طور تي به پاڻ درس جي معنیٰ ۽ مفهوم ۾ ان جي لڪڻ کي آسان ۽ سادہ لفظن ۾ طالبن جي ذهن نشين ڪرائيندا هئا ۽ مبهم مقامات کي مثالن ۽ قابل قبول دلائل سان سمجهائيندا هئا ته جيئن هر استعداد جو طالب علم مطمئن ۽ محظوظ ٿيئي. سندن سمجهائڻ مان اڪثر طلبا ضروري گاهون وٺي ڪندا هئا ۽ جو ڪجهه ته سبق جي پوري سمجهاڻ بعد ڪي ڇڏيندا هئا.

شاگردن جو تعداد ۽ نالا :- حضرت سيد الاولياء قدس سرهٗ جي شاگردن جو تعداد وسيع آهي پر مختصر سندن نالا هيٺ تحرير ڪجن ٿا.

(۱) حضرت شيخ برهان الدين رازالهيٰ (۲) شيخ محمد صديق ڪابلي پسر شيخ بلا شاهه (۳) حضرت پير سيدي شاگرد رشيد هو (۴) حضرت شيخ فريد بن شيخ عبدالحڪيم بن شاهه باجن چشتي قدس سرهٗ (۵) شيخ مجتبیٰ (۶) پيران عبدالرحمٰن ۽ ملا يوسف وغيره.

مریدن جي تعليم جو طريقو :- حضرت سيح الاوليا، جن جو مريدن جي تعليم
۽ تربيت جو طريقو نهايت سادو هو نڊو هوءِ پاڻ موقعي مناسب وامنڪ مثالن
سان نصيحتون ڏهن ٿيون ڪري ڏيندا هئا. پاڻ مريدن کي
فنا في الشيخ رهڻ جو تاڪيد ڪندا هئا ۽ پاڻ به انهيءَ مسلڪ جا ڪاربند هئا.

حضرت شيخ برهان الدين رحمة الله عليهءَ جو بيان آهي ته حضرت سيح
الاوليا، جن پنهنجي مريد "سيد چاند" تي جو بعد ۾ مجذوب تي ويو هو تاڪيد
ڪيو ته "توهان ڪنهن به درويش سان ملڻ ويو ته پنهنجي پير جي صورت کي
سامهون رکو" ۽ شيخ برهان الدين فرمائي ٿو ته بزرگن سوٽي حڪم فرمايو ته
"پنهنجي پير جو تصور ايترو قدر غالب رک جو جنن سان به صحبت جو
اتفاق ٿيئي ۽ اهو خواه مشائخانه وضع تي نظر اچئي يا قلندرانه لباس ۾
نظر اچئي يا جوڳيءَ جي پوشاڪ ۾ بهرحال اڻڻ سمجهڻ ته منهنجو پير وينو آهي

حضرت رحمة الله عليهءَ کان روايت آهي ته فرمائي ٿو ته هڪ ڏينهن
مون حضرت سيح الاوليا، جن کان دريافت ڪيو ته حضور دنيا چا آهي ؟ پاڻ
جواب ۾ هڪ هندي ڏوهڙو ارشاد فرمايائون اهو هي آهي .

جے ہر کون بسراوے سہی + دنیا نانوں اسی کا کہی

هن ڏوهڙي جو مفهوم مولانا روم رحمة الله عليه جي هن بيت مان وامنڪ آهي اهو هي آهي

چيست دنيا از خدا غافل بُدن + نے قماش و نقره و فرزند زن .

يعني دنيا اُها آهي جيڪا خدا کان غافل ڪري ٿي - صرف سونُ ۽ چاندي
۽ پار ۽ مال نه آهي .

هڪ ڀيري پاڻ بزرگ قدس سره جن جون جي ڪنارجي تي ويناهئا ۽
سج ڪجهه ٽڻي آيو هو ۽ سج جو شعاع پاڻيءَ تي ٿي پيو. جهن جو عڪس
مسجد جي ديوار تي ٿي ڏسڻ ۾ آيو عقيدتمندن جي جهرمٽ هر وقت گرد و پيش
رهندي هئي . پاڻ نظر مٽيءَ مٽيائون ۽ فرمايائون "اگر حوض جو پاڻي ڇ ۾

نہ هجي هاتہ سج جو عکس ديوار ۾ ظاهر نہ ٿئي ها، حالانڪ ديوار باڪل سامهون آهي. اهڙيءطرح پير جو وجود به مريد ۽ خدا جي درميان ۾ڪ ضروري واسطو آهي. اگر مرشد جو واسطو وچ ۾ نہ هجي تہ جمال الٰهيءَ جي تجلي مريد جي نظر نہ اچي سگهي. يا جهڙي طرح ڪڪ پٿر وغيره سج جي شعاع جي زد ۾ پيا هوندا آهن. ليڪن سڙندا نہ آهن ها اگر آئينو وچ ۾ آئي سج جي شعاعن کي ڪڪ پٿن وغيره تي منعڪس ڪيو وڃي تہ جيڪر هو سڙي وڃن. الغيءَ مثال هي پير جي هستي آئيني جي قائم مقام آهي".

اهڙن مثالن کي بيان فرمائيندي چيائون تہ "مريد کي لازم آهي تہ پنهنجو سڄو توجهہ مرشد جي طرف وابسته رکي. مرشد جي وسيلي سان ئي ان کي ملندو جو ڪجهہ ملندو (ڪتاب برهانپور جے سندھی اولیا ص ۲۴۲)

هڪ ڀيري حضرت سيح الاولياء قدس سرہٗ جن پنهنجي مريد "نورالايمان" کي خرقو عطا فرمايو. ڪجهہ ڏينهن کانپوءِ نورالايمان کان ڪنهن درويش اُهو خرقو گهريو. نورالايمان اهو خرقو بغير تڪلف جي ان درويش جي حوالي ڪري ڇڏيو. بزرگن کي خبر پئي تہ نورالايمان عطيهٔ خاص (خرقو) جو قدر نہ ڪندي هڪ ناشناس سائل کي ڏيئي ڇڏيو آهي. سيح الاولياء نورالايمان کي گهرايو ۽ کين چيائون تہ تو خرقو ڪنهن درويش کي ڇو ڏيئي ڇڏيو؟

نورالايمان نهايت سادگي ۽ ڪمال ادب سان جواب ڏنو تہ حضرت محترم اوهان طلب فرمايو ۽ مون ڏيئي ڇڏيو. تعجب آهي جو حضور خود ڏيئي پوءِ مون کان دريافت فرمائي رهيا آهيو. حضرت سيح الاولياء جن ڪجهہ به تعرض نہ ڪيو. ظاهر آهي تہ نورالايمان هر پيڪر ۾ مرشد کي ڏسندو هو.

مريدن کي مريد ڪرڻ جو طريقو:- حضرت سيح الاولياء قدس سرہٗ جن جو مريد ماڻهن کي مريد ڪرڻ جو طريقو نهايت سادو ۽ حيرت انگيز هو.

مولانا اسمٰعیل مرچي صاحب تکي تونسہ حضرت سچ الاولیا جن جھنن طالب بیعت یہ منزل شناسي جي صلاحیت ڏسندا هئاتہ مرید کندا هئا ورنہ تہ انکار کندا هئا. یا جیستائین ان طالب نعمت جو حضر هوندو هو اوستائین رهنمائي کندا هئا. جھنکي مرید کندا هئاتہ اُنجا بئي هٿ پنھنجي پنھي هٿن یہ قابو کري هي الفاظ پڑھائیندا هئا.

سـ الحمد للّٰہ الذی لا الٰہ الا هو الحی القیوم و اتوب الیہ استغفر اللّٰہ ربی من کل ذنب اذنبتہ عمدًا او خطأً سرًّا او علانیۃً و اتوب الیہ من الذنب الذی اعلم و من الذنب الذی لا اعلم و انت علام الغیوب ط ان الذین یبایعونک انما یبایعون اللّٰہ ید اللّٰہ فوق ایدیھم ط

وعن ابن عباس رض اخبر الله عزوجل انه يجمع لعبده المؤمنين ذريته في الجنة كما كان يحب ان يجتمعوا اليه يُدخلهم بفضل ويُلحقهم بدرجة عمل ليست من غير ان ينقص بلا باء من اعمالهم شيئًا وفي رواية عنه واتبعتهم ذريتهم يعني اتباعين بايمان وكن ادنى حال المريين من عدن العارفين يُبلغون الى درجات شيوخهم ما دام آمنوا باحوالهم وتبلغوا كلامهم قال رأيهم قد سرّه سيرة من آمن بكلامنا هذا من وراء اسبعين حجابًا فهو من اهله وقال النبي صلعم من احب قومًا فهو منهم وقال الشيخ ابراهيم الاعرب قدس سره من صدق بهذا الامر فهو لي ومن ادرك منه مقامًا او اخذ منه حالا فهو بدل ولا بعيد ايضا ان يقال لعل المراد المعلم والمتعلم القريبة.

ع۲۲ ضحاڪ:- ضحاڪ بن مزاحم هلالي. حديث جي اڪابر علماء مان هو. خراسان جو باشندو هو. پهرين صدي هجري ڪانپوءِ وفات ڪيائين (سندس ساڻيڪو پيڊيا مرتبہ شيخ نبوب عالم ص ۲۷۰ ۲۵)

۽ حضرت ابن عباس رضہ کان روایت آهي تہ الله تعالیٰ يقين ڏياريو آهي تہ بيشڪ هُو رسالتمآب پنهنجن مؤمن بندن جي تعظيم جي لاءِ سندن اولاد کي سائن جنت ۾ گڏ ڪري فرمائيندو. جيڪ هُو مؤمن باها اولاد کي پاڻ سان گڏ بيهڻ کي پسند ڪندا الله تعالیٰ اهڙن کي پنهنجي فضل سان جنت ۾ داخل ڪندو ۽ ڪيئن، سندن پيءُ جي عمل ڪاري درجي ۾ پٽ داخل ڪندو پر اهڙي سان پيئرن جي اعمال ۽ درجات مان ڪا به شيءِ گهٽ نه ڪيئي ويندي ۽ حضرت ابن عباس رضہ کان هڪ ٻي روايت تہ اولاد پنهنجي والدين سان ايمان جي تابعداري ڪري تابع ٿيندا". ۽ اهڙي حال آهي مرين جو عارفن جي اڳيان حضرت اولاد جو والدين سان. صاحب تفسير فرمائي ٿو تہ مُرين پنهنجي مرشدن جي درجن تائين پهچندا پر شرط اهو آهي تہ جيستائين آهي مُرين، پنهنجي مرشدن جي احوال تي يقين رکندا ۽ سندن ڪلام کي صحيح. صاحب تفسير فرمائي ٿو تہ مرشد سندن حالات کي ستر حجابن جي پٺيان ڏسندو تہ ساڻن جي هن ڪلام کي صحيح ٻڌي ڪهڙو عجيب آهي پوءِ اگر مريد ڪامل فرمانبردار آهي تہ پوءِ هُو مرشد جي اهل مان آهي ۽ مرشد جي تابعداري سبب اعليٰ مقام ماڻيندو.

حديث:- حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم جن فرمايو تہ جيڪو ماڻهو جنهن قوم سان محبت ڪندو آهي اهو انهن مان هوندو".

شيخ ابراهيم قدس سره فرمايو تہ جنهن هن امر تي (يعني آنحضرت صلعم جي فرمان تي) يقين رکيو آهي ۽ جنهن ماڻهو انهيءَ امر سان کومقام حاصل ڪيو يا انهيءَ امر کان. سان حال رسول حضرت جي فائز ٿيندو تہ پوءِ اهو هن الامر تي دلالت ڪريندو. ۽ هي ڳالهہ بعيد نہ آهي اگر هيئن چيو وڃي تہ استاد، متعلم ۽ شاگرد به هي ٻڌي ڪندا. يعني جهڙيءَ طرح مؤمن

پيءُ سان اولاد کي ۽ مرشد ساڻ مريد کي شامل ڪيو ته وڃي اهڙيءَ طرح قريب ۽ فرمانبردار شاگرد کي ستارڪامل جي درجي تائين پهچائي ساڻس شامل ڪيو ويندو. والله اعلم.

وَمَآ اَلَتْنٰهُمْ لقصنا هُمْ مِّنْ ثواب عَمَلِهِمْ مِّنْ شَيْءٍ ط يعطيه لما صح مَنْ سَنَّ سُنَّةً حسنةً فله اجرها واجر من عمل بها من غير ان ينقص من اجورهم شيئاً اذ هذا الوفوق انما كان تفضيلا واحسانا عليهم ابن كثير بكسر اللام المستقبل كُلُّ امْرِئٍ بِمَا كَسَبَ من الخير والشر رَهِيْنٌ ۝ بعمله لها ما كسبت وعليها ما اكتسبت اذ الوزن يومئذن الحق فمن ثقلت موازينه فاولئك هُمُ المفلحون ۝ ومن خفّت مَوَازِيْنُهٗ فاولئك الذين خسروا انفسهم وقيل بِمَا كَسَبَ من عمل الشرك رَهِيْنٌ والمؤمنين لا يكون مرتهناً بعمله لقوله كل نفس بما كسبت رهينة الا اصحاب اليمين.

ترجمو:- "۽ سان انهن جي عملن جي ثواب مان ڪجهه به گهٽ نه ڪنداسون" يعني عملن جو ثواب پورو ڏيندا سون. جنهن ماڻهوءَ ستي ۽ سٺو طريقو اختيار ڪيو ۽ پين کي به ان تي گامزن ڪيائين تہ ان لاءِ انجو ثواب آهي ۽ جنهن ماڻهوءَ ان سٺي طريقي موجب عمل ڪيو تہ انجو ثواب به رهنمائي ڪندڙ ۽ پير ان عامل جي ثواب مان ڪا به شيءِ گهٽائي نہ ويندي. يعني پنهي ڌرين کي پورو اجر ملندو. ڇو تہ پنهي جو عمل موافق آهي ۽ بيشڪ مٿن الله تعالىٰ جو احسان ۽ پيلائي هوندي.

ابن ڪثير ابيٰنّ لام کي زبر شاذ ڪري ڪيو آهي. كُلُّ امْرِئٍ:- ترجمو:- "هر شخص پنهنجي پنهنجي عملن ۾ گرفتار رهندو." اهو عمل سندس ستو آهي يا خراب لها ما كسبت الخ:- جيڪو به نيڪيءَ جو ڪمائيندو اهو سندس ٿيندو آهي. وعليها ما اكتسبت:- ۽ جيڪو به غلط ڪمائيندو انجو وبال به سندس مٿي ٿيندو آهي.

(قرآن کريم جي پاري اٺين ۽ سورة اعراف ۽ پاري ۱۸ سورة مؤمنون ۾ منڪور آهي)

اذ الوزن يومئذ الحق ۔ الی ۔ خسروا انفسهم ۔ چوٿ عملن جو وزن (ميزان) ان آڏينهن حق آهي يعني ۽ جنهن شخص جي (نيڪين سبب) عملن جو وزن گورو ٿيوٿ اهي شخص ڪامياب آهن ۽ جنهن شخص جي (برائين سبب) عملن جو وزن هلڪو ٿيوٿ يعني ۽ انهن پنهنجين جانين جي نقصان ۾ وڌو.

وقيل ماڪسب :- ۽ قرآن ڪريم ۾ جيڪي ماڪسبَ چيو آهي جنهنجو مطلب آهي ٿ جنهن به شيءِ جي عمل مان ڪجهه ڪيو ان عمل سبب هُوَ گرفتار آهي. ۽ مؤمن پنهنجي عمل سبب گرفتار نه هوندا. جيئن سورة مدثر ۾ ارشاد آهي.

ترجمه :- هر شخص پنهنجي عملن سبب گرفتار آهي مگر سڄي هٿ واريون.

فائدو :- الله تعالى خبر ڏيڻ فرمائي ٿو ته هر شخص پنهنجي عملن ۾ قيامت جي ڏينهن جڪڙيل ۽ بَندَ هوندو. پرجن ماڻهن جي سڄي هٿ ۾ اعمالنامه آيا هوندا اهي جنت جي بالاخانن ۾ آرام سان ويٺا هوندا. (ابن كثير سورة مدثر)

وقال الشيخ رح وهي المرتبة الباقية على الانبياء والرسل والرجل من الامة التي يوجب بعمل شرع يكون عليه احد من خلق الله في جنة ولا نار يجب الدخول فيهما وانما قُيِّدنا بالدخول في الدارين الجنة والنار لما شرع يوم القيمة لاصحاب المنزلات والاطفال الصغار والمجانين فيحشرهؤلآء في صعيد واحد لاقامة العدل والمواخذة بالجريمة والثواب العملي في اصحاب الجنة فاذا احشروا في صعيد واحدٍ يُعزَل عن الناس بعث فيهم نبي من افضلهم ويُمثَّل لهم نار ياتي بها هذا النبي المبعوث في ذلك اليوم فيقول لهم انا رسول الحق اليكم فيقع عندهم التصديق به ويقع التكذيب عند بعضهم ويقول لهم انتجوا هذه النار بانفسكم فمن اطاعني نجا ودخل الجنة ومن عصاني وخالف امري هلك كان من اهل النار

من امتثل امره منهم ورضي بنفسه فيها سعى ونال الثواب العملي وحسن الثناء بردًا وسلامًا ومن هناه استحق العقوبة فدخل النار ونزل فيها بعمله المخالف ليقوم العدل من الله تع في عباده وكذلك قوله يوم يكشف عن ساقٍ اي امر عظيم.

۽ شيخ[1] رح فرمايو ۽ اهڙا رهينت احاطو ڪيل آهي، نبين ۽ رسولن ۽ آخرت جي تڪليفن کان چونڪا روهندڙ بي باقي چئيل آهي جيڪا هڪ جاءِ سان لاڙهيندي (۱۲) هڪ محل تي ظاهر ٿيندي. اهي ۽ تي الله؟ جي مخلوق مان هڪ نگران جنت ۾ هوندو ۽ دوزخ ۾ نه هوندو ۽ اهو لاڪو آهي جنت ۽ دوزخ ۾ دخول کان پوءِ ۽ صاحب تفسير فرمائي ٿو نه دارين يعني جنت ۽ دوزخ ۾ دخول سان مقيد ڪيا ويا آهيون. انجو وجهي آهي نه جنهن جو اڻ ٿيڻ بنيادي ۽ پوئين لاءِ ظاهر ٿيندو نه آهي هڪ مٿي ۽ مان اڻ ڪاريا ويندا. جو سڀڻ انصاف برپا ڪيو ويندو ۽ يعني گناهن جي سزا ڏيڻ ۽ عملن جي ثواب ڏيڻ سان ڪل سرشاري ويندو ۽ جنت وارن کي سندن سائين سان جنت ۾ داخل ڪيو ويندو ۽ پوءِ جنهن هڪ مٿي ۽ مان اڻ ڪاريا ويندا نه آهي پين ماڻهن کان اڳ ڪيا ويندا، انهن مان افضل شخص کي نبي ۽ جو درجو ڏيئي موڪليو ويندو ۽ انهيءَ لاءِ باهه کي تشبيل ڏنو ويندو جو اهو موڪيل نبي ان ڏينهن باهه سان ويندو پوءِ ڪين چونڊو نه مان الله؟ جو برحق رسول آهيان تو هان نه انهن موڪيل ڏيو آهيان پوءِ کي انجي نص يقڪنا ۽ ڏيڪي ڪن ۾ تڪذيب واقع ٿيندي ۽ اهو برحق رسول کين چونڊو نه تو اي اسان! ادهان پنهنجي جانين کي هن باهه ۾ چاڙيو پوءِ جنهين منهنجي اطاعت ڪئي سو چونڪا ڏيڻ وارو ٿيو ۽ جنت ۾ داخل ٿيندو ۽ جنهن منهنجي بيفرماني ڪئي ۽ منهنجي حڪم جي مخالفت ڪئي اهو هلاڪ ٿيو ۽ دوزخين مان هوندو. پوءِ جنهن انهن مان ان رسول

---

[1] شيخ مان حضرت مسيح الاولياء حضرت مرشد شيخ لشڪر محمد عارف رح آهي غالبًا

جو حکم ڪيو ۽ پنهنجي نفس کي ان جي باهه جي دخول کان بچايائين ته اهو بيحد ثواب ۽ عملي ثواب کي رسيو ۽ باهه کي پاڻ لاءِ ٺڪ ۽ سلامتي وارو هنڌ ڪري ڏيکاريو. ۽ جنهن رسول جي حڪم کي پُلايو ۽ نه ڪيو ته عذاب جو حقدار ٿيندو ۽ باهه ۾ داخل ٿيندو ۽ ڪيس ان باهه ۾ سندس عمل مطابق عذاب نازل ٿيندو ۽ ايتري تائين جيستائين الله تعالى جي طرفان سندس پاڻهين لاءِ انصاف قائم ٿئي. ۽ الله جي قرآن حڪيم ۾ ارشاد فرمايو آهي يَوْمَ يُكْشَفُ عَنْ سَاقٍ يعني اُن ڏينهن پوءِ کي ويندي يعني امر عظيم واقع ٿيندو.

وَاَمْدَدْنَاهُمْ زِدْنَاهُمْ على كانوا عليهم من النعم وقتاً بعد وقتٍ بِفَاكِهَةٍ وَّلَحْمٍ مِّمَّا يَشْتَهُوْنَ ه من النعيم المقيم جمعاً وفرادى يَتَنَازَعُوْنَ يتجاذبون عملاً والفة ومُؤانَسَة وانبساطاً او يتناهبون بكثرة الشرب كما هو دأب اهل الشرب فِيْهَا الجنة كَاْسًا فيها خمراً وسميت باسم محلها ولذلك اُنِّثَ الضمير في قوله لَا لَغْوٌ فِيْهَا عن التكلم لا السكر في الدنيا بالفحش وغيرها في اثناء شربها قال ابن عطاء كيف يكون في مجلس محله جنة عدن والساقي فيه الملائكة وشربهم على ذكر الله وريحانهم تحفة من الله وسكرهم على المشاهدة والقرب جلسًا يِلَّذِ. وَلَا تَاْثِيْمٌ ه مصيبة بالفتح من غير تنوين ابن كثير والبصريان وفي غاية الامانى ابن كثير وابو عمرو.

ترجمہ:- ۽ اسان کين ميوو ۽ گوشت جنهن قسم جو کين مرغوب (دلڪش) هوندو زياده "ڏينا رهنداسين". ۽ هو پاڻ ۾ خوشطبعي طور تي شراب شاپريل پيالن کي جنت ۾ پيا ڪندا ان ۾ نه بڪ بڪ هوندي ۽ نه ئي اڇا پو گفتگو هوندو.

اَمْدَدْنٰهُمْ:- يعني وقتاً فوقتاً اسان متقين جي نعمتن ۾ اضافو ڪندا رهنداسون.

مِّمَّا يَشْتَهُوْنَ:- يعني هميشه واري نعمتن مان کين مجموعي ۽ انفرادي طور کين ڏينداسون.

يَتَنَازَعُوْنَ:- يعني جنتي پاڻ ۾ نرميءَ الفت، ۽ روح ۽ خوشيءَ سبب هڪ ٻئي کان

شراب سان پريل پيالا پياکيندا. ۽ سندن حال دنيا جي شراب پيئندڙن کان ابتر هوندو يعني دنيا ۾ شراب پيئندڙن جي مٿي ۾ چڪر، پيٽ ۾ سور، عقل زائل، گهٽي بکواس، وات ۾ خراب ڏپ ۽ چهرا بي رونق هوندا آهن پر جنت جي شراب طهور پيئڻ سان اهي خرابيون نه ٿينديون.

فيها الجنة کاسًا:- جنت ۾ جنتي هڪ ٻئي کان شراب سان پريل پيالا پياکيندا. کاسًا پنهنجي محل جي نالي سان موسوم ڪيو ويو آهي لهٰذا "لا لغو فيها" ۾ مؤنث جو ضمير آندو ويو آهي جنهنجو مطلب آهي ته ان شراب پيئڻ سان ڪلام ۾ بڪ بڪ نه هوندي ۽ نه وري بيهوشي هوندي

ابن عطاء چيو ته محل مجلس ۾ جنت عدن کيڏن ٿيندا حالانڪ ان ۾ ساقي فرشتا هوندا ۽ انهن پيئڻ الله جو ذڪر هوندو ۽ انهن جي خوشبوءِ جنت عدن جي هيبتان الله تعالىٰ جي طرفان هوندي ۽ انهن جو ذڪر الله جي مشاهدي ۾ هوندو ۽ قوم الله جي حضور ۾ ويندل هوندي.

ولا تأثيمًا:- يعني ابن ڪثير ۽ بصري قارين لا تاثيم کي زبر سان پڙهيو آهي نه ٿنوين سان. ۽ غاية الاماني في تفسير الڪلام الرباني ۾ ابن ڪثير ۽ ابو عمرو جو ذڪر آندو ويو آهي ته انهن لا تاثيم کي زبر سان پڙهيو آهي نه ٿنوين سان

وَيَطُوفُ عَلَيْهِمْ بڪابين من معين غِلْمَانٌ مما يدي هُمْ خصوصون وقيل اولادهم الذين سبقوهم وقيل اطفال المشركين هم خدام اهل الجنة واحتجوا بما روى عن النبي صلعم قال اتدرون من الملاهون من امتي قال يا رسول الله الله ورسوله اعلم قال هم اطفال المشركين لم يئن بنوا فيحسنوا ولم يعملوا حسنة فيثابوا فهم خدام اهل الجنة وقال النووي وهو الصحيح المختار الذي ظهر الله المحققون لقوله تع وما كنا معذبين حتى نبعث رسولا. ۲۳ كَأَنَّهُمْ الضمير

---

۲۳ امام نووي رح:- محي الدين ابي زڪريا يحيى بن شرف النووي المتوفي ۶۷۶ھ ڪتاب رياض الصالحين حديث ۾ سندس. تحفة الطفل ص ۲۳۶ ۽ اول.

اما لاهل الجنة فيطابق الضمائر لان انتشار الضمير محل بالفصاحة كما مر وغيره او الغلمان وهو الظاهر لؤلؤ المكنون ۵ المصون في الصدف من بياضهم وصفائهم في المعالم عن الحسن لما تلي هذه الآية قالوا يارسول الله ع الخادم كاللؤلؤ فكيف المخدوم؟ فقال والذي نفسي بيده ان فضل المخدوم على الخادم كفضل القمر ليلة البدر على سائر الكواكب؟ وعنه صلعم ان ارادة اهل الجنة منزلة من ينادي الخادم من حوله فيجيبه الغ ينابه لبيك لبيك و قال ابن عمر ما من احد من اهل الجنة الا يسعى عليه غلام وكل منهم على عمل غيرها عليه صاحبه.

ترجمہ:- يه الهن (جنتين) جي چوڌاري روهن ٿا شراب سان پريل پيالا کڻي مخصوص چوکرا قرب وارا رهن ٿا گويا اهي غلمان، حفاظت شاركيل موتي آهن.

تشريح:- غلمان لهم:- الهن جا مخصوص غلام جيڪي سندن مملوک هوندا مشترڪ خادم نه هوندا.

فائدو:- ابن ابي الدنيا، حضرت انس رضه جي روايت بيان ڪئي ته رسول الله صلي الله عليه وسلم جن فرمايو سڀني جنتين مان سڀ کان هيٺيون درجو ان شخص جو هوندو جنهنجي پنجاه ڏهه هزار خادم ڪمربسته خدمت جي لاءِ بيٺا هوندا.

ابن ابي الدنيا، حضرت ابوهريره رضه جي روايت ٻڌايان ڪيو ته جنت واري ۾ گهٽ درجو جو هوندو ماڻهو هوندو جنهنجي خدمت جي لاءِ صبح ۽ شام پنج هزار خادم اهڙا ڪمربسته هوندا جن مان هڪ هڪ وٽ ڪا نه ڪا شيءِ جو هوندو ڪا نه ڪا نوڪ نه هوندو جو اهڙو هڪ هڪ وٽ هجي (يعني هزارين شين جي ڪا نه ڪا جدا جدا نوڪ هوندي) (تفسير مظهري ص ۱۲۳ ج ۱۱ سورة والطور)

وقيل اولادهم الخ:- يڪدم جيو آهي ته "غلمان" مومنن جي اها اولاد آهي جيڪا

نوٽ:- تفسير معالم التنزيل ص ۸۵۲ سورة الطور اشاعت مطبع الحميد والواقعة في المعونة المسنى ۱۳۸۳ھ لفظ عليهم ضمير جمع مذڪر آهن ڪا يلؤلؤ اللفظ ۾ "والذي نفسي بيده" جا لفظ تفسير ۾ آهن باقي اڪاڏا سڀ آهن حاشيه نمبر ۲ ۹۷۶ بخاري شريف ص ۱۱۱ ج ۲ قلمي

آڳ عالم دنيا مان موت جو جام نوش ڪري ويئي هئي يعني جنتين کان آڳمري چڪا هئا. ۽ ڪن چيو آهي تہ عثمان مان مراد مشرڪن جا پار آهن جيڪي جنت ۾ جنت وارن جا خادم آهن (هوندا). ۽ ان قول جي تائيد هن حديث کي صحت بڻايو آهي حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم جن کان روايت آهي پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ "منهنجي امت جي اهڙن ماڻهن کي چاڻ تا جيڪي دل ڀلائيندڙ آهن" صحابہ سڳورن رض فرمايو تہ "يا رسول الله ﷺ الله ورسوله اعلم". پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو تہ "اهي مشرڪن جا پار آهن جن گناهہ نہ ڪيا آهن جو کين عذاب ڪيو وڃي ۽ نہ وري سندا عمل ڪيا آهن جو کين ثواب ڏنو وڃي پوءِ اهي جنت وارن جا خادم آهن.

۽ امام نووي رح فرمايو آهي تہ مٿيون قول صحيح آهي. اختيار واروا هو اهو ماڻهو آهي جيڪو الله تعالى ۽ جي ڪم ۾ نقصان نہ ثابت ٿيڻ لڳو. محقق هن قول جي ترديد آهن لقولہ تع وما كنا معذبين حتى نبعث رسولا (بني اسرائيل) ترجمہ:- "اسان ڪنهن بہ قوم کي عذاب ڪندڙ نہ آهيون جيستائين روشن ڪور رسول رهدايت لاءِ نہ موڪليون."

فائدو:- الله تعالى ۽ حجت قوي ڪري لاءِ پوءِ ايان قوم ۾ هادي (رسول) موڪلينداهي اگر ان قوم رسول جو چوڻ نہ مڃيو تہ پوءِ الله تعالى ۽ ان قوم کي عذاب ۾ مبتلا ڪندو آهي. چو تہ مٿان قوم بي خبري ۽ جهل جو عذر پيش ڪري چو ي تہ اسانکي ناحق عذاب ۾ گرفتار ڪيو ويو آهي حالانڪ اسان وٽ ڪو بہ رسول يا نبي هدايت جي لاءِ نہ آيو هو.

كَاهُمْ:- صاحب تفسير جو چوڻ آهي تہ كاهم ۾ ضمير يا اهل جنت لاءِ آهي پوءِ ضمير بين ضميرن سان موافق ٿيندو. چو تہ ضمير جو ڦيرائڻ بغير ڪنهن دليل جي فصاحت لاءِ آهي جيڪا گذري چڪو آهي وغيره. يا وري كَاهُمْ جو ضمير "غلمان" لاءِ آهي

۽ اهنجو احوال نہ واضح آهي.

لُؤلُؤ المکنون:- يعني حفاظت سان رکيل موتي. سيپ جي اندر حفاظت سان رکيل آهن، پنهنجي سفيدي، صفائي ۽ خوبصورتيءَ ۾ دُر مکنون وانگر آهن. في المعالم عن الحسن[۲۴]:- تفسير معالم التنزيل ۾ حضرت حسن رضه کان روايت آهي نہ جڏهن هي آيت رديطوف عليهم غلمان الخ، پڙهي ويئي نہ صحابہ سڳورن نہ عرض کيو نہ اي الله جا رسول ۽ خادم رحمڪ ۽ مڪمل دُر مکنون وانگر آهي نہ پوءِ هن وڏم کهڙي حال ۾ هوندو؟. پوءِ حضور انور صلي الله عليه وسلم جن فرمايو نہ "مونکي ان ذات پاڪ جو قسم آهي جنهنجي دست قدرت ۾ منهنجي جان آهي بيشڪ مخدوم جي فضيلت رخبصورتيءَ ۾ خادم تي ائين هوندي جيئن چوڏهين ڄڻي رات جي چنڊ جي فضيلت تمام ستارن تي هوندي آهي.[۲۵]

۽ حضور انور صلي الله عليه وسلم جن کان روايت آهي نہ "بيشڪ جنت وارن جو ادنيٰ درجو منزل آهي، جيڪو بهشت جي خادمن مان کهڻ کي برسات ڪندو نہ جواب ۾ هڪ هزار خادم ڪيس لبيڪ لبيڪ شا جواب ڏيندا.

۽ حضرت ابن عمر رضه فرمايو آهي نہ جنت وارن مان هرهڪ ڏاهن غلام رکندو ۽ هرهڪ غلام جو عمل رکي، پنهنجي ساڻي غلامڪان مختلف هوندو.

يعني جيڪو هڪ غلام ڪندو نہ اهڙي ڪم سان سو ٻيو ساڻي غلام نہ ڪندو بلڪ انجو عمل وري ٻيئي نوني هوندو. فقط.

---

[۲۴] معالم:- هن مان مراد تفسير معالم التنزيل آهي. هي تفسير ابو محمد الحسين رڪن الدين بن مسعود بن محمد البغوي الشافعي لقب جو آهي. هي بزرگ شافعي مذهب جو عالم محدث ۽ مفسر آهي. هرات جي قريب هڪ گوٺ "بغ" يا بغشور ۾ پيدا ٿيو. هي بزرگ حديث جي مشهور ڪتاب "مصابيح السنة" جو پڻ مؤلف آهي. سندس وفات مرالروز ۾ ۵۱۶ھ ۾ ٿي.
(۱ ماخوذ از اسلامي سائيڪلوپيڊيا ص ۱۴۲-۱۹۲ ۲ مرتبہ مفتي محبوب عالم ۲ اسلامي انسائيڪلوپيڈيا ص ۳۴۳ اردو مولفہ سيد قاسم محمود ۱۰ اردو)

[۲۵] هيءَ حديث تفسير مظهري ۽ ص ۱۲۳ ج ۱۰ ۾ پڻ آندي آهي ۽ مزيد تڪميل شن نہ عبد الرزاق ۽ ابن جرير پنهنجن تفسيرن ۾ قتادہ جي مرسل روايت به اڌيءَ طرح سان نقل ڪئي آهي. والله اعلم.

وَاَقْبَلَ بَعْضُهُمْ وهٰذا الضمير ايضاً يحتمل كما مر على بَعْضٍ يَتَسَآءَلُوْنَ بينهم عن احوالهم وعما لهم مما فى الدنيا والاخرة كما هو دأب السكرى اذا اخذ ثم الخمر فلهم احاديث شعر وكانت باعراق ناليا ای سَرَقْنَاهُنَّ من ايدى الزمان، حَوَلْنَا هُنَّ تاريخ اليا ای وعنوان الميسرة والامانى.

قَالُوْا منجاذبين بينهم بقولهم اِنَّا كُنَّا قَبْلُ وقوع هذه الساعة فِىْ اَهْلِنَا من الاولاد والازواج فى الدنيا او من اهل الاسلام والايمان او من اهل الحق والعرفان فى مجالس الانس والانبساط مُشْفِقِيْنَ خائفين من الله تع رجائين راجين من العاقبة عند من سوء القضاء فى شماتة الاعداء بالحرمان عن القرب والصلة وبقاء القلوب عند التجلى بالهيبة والانس.

ترجمہ:- ۽ اهي هڪ ٻئي ڏانهن متوجه ٿي گهيون ڪندا، چوندا ته بيشڪ اسان گهڙي ۽ جي واڌ ويڪ ڪان اڳ پنهنجي گهر (يعني دنيا) ۾ گهٽ ڊجندا هئاسين".

واقبل بعضهم:- بعضهم جي ضمير ۾ هو احتمال آهي ته يا مراد جنتي آهن يا عمان، يَتَسَآءَلُوْنَ:- يعني پاڻ ۾ هڪ ٻئي کان گذشته دنيوي عملن، احوالن ۽ واقعات متعلق پيا پڇندا. جيئن ڪنهن ڏاڍا نشي جي حالت ۾ هڪ ٻئي کان سوال پڇندا آهن ۽ پاڻ ۾ گهيون ڪندا آهن. شعر:-

ترجمہ:- "۽ اسان لاءِ عراق ۾ رعيبي راتيون هيون، اسان انهن رڍبون ڪي زماني جي هٿ مان چوريو سين، اسانجي چوڪاري آهي انهيءَ راتين جي تاريخ، ۽ خوشي ۽ اميدن جا عنوان".

قَالُوْا:- يعني جنتي پاڻ ۾ هڪ ٻئي کان نهايت مسرت سان سوال ۽ جواب ڪندا ۽ چوندا ته اسان اڳ دنيا ۾ پنهنجين زالن ۽ پنهنجي اولاد سان يا اسلام ۽ ايمان ۽ انسان يا حق ۽ معرفت ۽ انسان خوشي ۽ ۽ روح جي مجلس ۾ هوندا هئاسون پر الله تعالىٰ ڪان گهڻو ڊجندا هئاسون ته مرڻ کانپوءِ گهڻو انجام ٿيندو

جنهن تہ اللہ تعالیٰ ۽ دشمنن کي نار ۾ ميڙڪندو ۽ ساڻن برو فيصلو ٿيندو.

۽ اللہ تعالیٰ ۽ جي قرب ۽ وصل جي ۽ اميد رکندڙ هڪ ماڻهو جڏهن تہ اللہ تعالیٰ جي هيبت ۽ ڀيان تہ دنيا جي نرم تي دين يون پر خوف ۽ ڳڻتي اميد رکڻ سان دين کي بقاءُ ميسر ٿيندو ۽ هو ۽ تسڪين قلب حاصل ٿيندو هئي.

وفي السلمي[۲۶] الاشفاق ارق من الخوف و اصلب و قيل الاشفاق للانبياء و الخوف للعامة و في جمع الجوامع[۲۷] من خاف اللہ خافه كل شيء و من لم يخف اللہ اخافه اللہ من كل شيء. عن ابن عمر رض ينبغي للمؤمن ان لا يمسي الا حازينا و ان كان محسنا لان بين مخافتين دين قد مضى لا يدري ما اللہ صانع فيه و ما بقي من عمره لا يدري ما يصيب. عن ابي امامة رض ما كان اسري بي مررت بالملأ الاعلى جبرئيل كالجاش البالي من خشية اللہ عن جابر.

۽ تفسير سلميءَ ۾ مذڪور آهي تہ نرمي- مهرباني، خوف وڌيڪ باريڪ ۽ نرم آهي پريشان ۽ تڙپ آهي. ۽ چيو ويو آهي تہ اشفاق اولياءَ جي لاءِ آهي ۽ خوف عام جي لاءِ آهي.

۽ جمع الجوامع ۾ مذڪور آهي تہ جيڪو ماڻهو اللہ تعالیٰ کان ڊڄندو تہ ان (ماڻهوءَ) کان هر شيءِ ڊڄندي. ۽ جيڪو شخص اللہ تعالیٰ کان نہ ڊڄندو تہ اللہ تعالیٰ کيس هر شيءِ کان ڊيڄاريندو.

حضرت ابن عمر رض کان روايت آهي تہ مؤمن لاءِ هي ۽ گهڻو لائق آهي تہ هو ترک

---

[۲۶] تفسير السلمي:- المسمى بالحقائق تفسير ۾ آهي شيخ عبدالرحمٰن محمد بن الحسين السلمي النيسابوري جو آهي ۽ هي تفسير تصوف تي معتمد آهي سندس ابتدا هن لفظن سان آهي- الحمد للہ رب العلمين اولا و آخرا الخ صاحب تفسير ۴۱۲ھ ۾ وفات ڪئي. (ماخوذ از ڪشف الظنون عن اسامي الڪتب والفنون. باب الحاء للامام العلامة والبحر الفهامة ملا ڪاتب چلبي غفر اللہ له دي ص ۳۳۸)

[۲۷] جمع الجوامع:- هي ڪتاب حضرت علامہ جلال الدين سيوطي رح جو ڪيل آهي حديث ۾ آهي (ماخوذ از ڪتب خانه نور ڪ سنڌ اولياء ص ۴۱۳)

جي حالت ۾ شام ڪري رهيو سڄي ڏينهن ۾ جو عمل ڪيائين ان تي شام ٿيڻ سان غمگين ٿئي، جيڪو ڏينهن (رڳو شام) پڌائي ڪنڌ ڪهي رهيو ڪٽي جو ڏينهن جي عمر ۾ پين سان چڱائي ڪئي هجيس) پوءِ نه ٻن خوفن جي وچ ۾ سڙهوندي آهي جيڪي ڪجهه گڏ ٿيو آهي (مؤمن) نه ته چاهي ته الله تعالىٰ وٽ چاهڪ وٺي جو ڪجهه عمر جو حصو رهيو آهي ڪيس اهو معلوم نه آهي ته چا نصيب حاصل ٿيندو.

حضرت ابي امامه رضه ۽ حضرت جابر رضه کان روايت آهي رسول الله ﷺ جن فرمايو ته جڏهن مونکي شب اسري (معراج واري رات) ۾ سير ڪرايو ويو ته مون مَلَأِ الاعلىٰ (فرشتن جي جماعت) کان لنگهيس (ڏٺم ته) حضرت جبرئيل ع الله تعالىٰ جي خوف کان ائين غمگين ۽ حزين هو جيئن ڪهن ڏکويل ۽ غم کان مضطرب قلب واري جي حالت هوندي آهي. [٢٨]

فَمَنَّ اللّٰهُ عَلَيْنَا بتوفيق او بسلامة العاقبة عند النزع او بالرحمة عند الحشر وما يتبعه من الصراط وغيره او بدخول الجنة او من علينا باحسانه علينا وجعلنا من اهل دار كرامته وبالوصلة والمعرفة دون اهانته كقوله

وَوَقٰىنَا عَذَابَ السَّمُوْمِ ه النار والنافذة في المسام لنفوذ المسموم من اسماء او اسمه من اسماء جهنم.

ترجمو:- "پوءِ الله تعالىٰ اسان تي (وڏو) احسان ڪيو ۽ اسانکي دوزخ جي عذاب کان محفوظ رکيائين"

فَمَنَّ اللّٰهُ عَلَيْنَا:- يعني الله تعالىٰ اسانکي توفيق ڏني ۽ مغفرت ڪئي ۽ اسان تي رحم فرمايائين. يا سڪرات جي وقت عذاب کان سلامت رکي وَوَقٰىنَا يا حشر وقت ۽ ان سان لاڳو شين مثلاً پل صراط وغيره جي وقت پنهنجو رحم فرمائي الله تعالىٰ اسان ڪيو يا جنت ۾ داخل ڪري جو احسان فرمايائين يا جيڪو

---

[٢٨] كالجاش:- جَاشَ - جَاشًا:- قلبه اضطرب من حزنٍ او فزعٍ (المنجد عربي عربي باب الجيم مطبع بيروت)

اسان تي سندس احسان آهي انجو ڏسڻ ڪيائين (بهرحال الله تعالى) اسان تي احسان ڪيو
يا اسانکي ذلت يا رسوائيءَ کان سڌاريءِ، عزت ۽ ورڻ - وصل ۽ ورڻ يا معرفت ۽ ورڻ
مان بنايائين.

عذاب السموم:- يعني گرم لوءِ ۽ نگر مسامات ۾ گهرندڙ باهه يا سموم جهنم جي
نالن مان هڪ نالو آهي. ۲۹

اِنَّا كُنَّا مِنْ قَبْلُ هٰذِهٖ اسلاف يا اهائيندڙ نَدْعُوْهُ بالخصوص ايمانا بالغيب
وتعبدا ونسألهُ الوقاية روى انه قال اللّٰهُمَّ اَجِرْنَا من النار قالت النار
اللّٰهم اجره منى ومن قال اللّٰهم اَنَا اَسْاَلُكَ الجنة قالت الجنة بَلِّغْهُ اِنَّهٗ
نافع وبكسائى بالفتح بتقدير اللام وبكسر اَبْلَغُ هُوَ اَبَرُّ الرَّحِيْمُ ع
المحسن فى الكل قال ابن عباس اللطيف وقيل البر المعطوف على عباده المحسن
اليهم الذى عَمَّ بِرُّهٗ جميعا قال حجة الاسلام والعبد انما يكون برا بقدر
ما يُتخطاه من البر الا سيما بر الوالد به واستاذه وشيوخه لقوله تع بَرًّا
بِوَالِدَيْهِ روى اَنَّ مُوْسٰى ع لما كلّمَ ربّهٗ رَاٰى رَجُلًا فاءما عند ساق
العرش فتعجب من عُلُوِّ مكانه فقال يا ربّ بِمَ بَلَغَ هٰذا العبدُ هٰذا المحلَّ
فقال اِنَّهٗ كان يُحسِنُ عِبَادَتِىْ من عباده على ما اَثبتّه وكان بَرًّا بوالديه
الرَّحِيْمُ ه بالتفضيل على العباد بالنعيم المقيم.

ترجمو:- "بيشڪ اسان هن کان اڳ (دنيا ۾) هن گهڙي يءَ جي معائي ڪندا
ڪا (اڳ) ان (الله) کان دعائون گهرندا هئاسون، واقعي هو وڏو محسن مهربان آهي"

نَدْعُوْهُ:- يعني الله تعالى جي هيڪڙائي بيان ڪندا يا غيب تي ايمان آڻيندا
سندس عبادت ڪندا هئاسون يا ڪوشش دوزخ جي عذاب کان بچائڻ جا
سوال ڪندا هئاسون.

---

۲۹ تفسير مظهري ۽ ساڳو مفهوم پيش ڪيو آهي يا چيو اٿن ته حَسَنَ چيو آهي ته "سموم" جهنم
جي نالن مان هڪ نالو آهي - ص ۱۲۳ - ج ۱۱۶.

روایت کئي ويئي آهي ته بيشڪ رحمٰن، جو ٻڌل آهي ته منهنجا مولا مونکي اسانجي
باهمکان بچاءِ، ته باهه جو ٻڌل آهي منهنجا مولا اهڙي سائل کي مونکان بچاءِ
۽ جو شخص جو ٻڌل آهي ته منهنجا مولا مون تي کان جنت جو سوال ڪريان
مونکي بهشت نصيب فرماءِ ته جنت جو ٻڌل آهي منهنجا مولا اهڙي شخص
کي مون وٽ پهچاءِ.

اِنَّكَ ۱- نافع ۽ ڪسائي اِنَّكَ جي همزي کي زبر سان پڙهيو آهي هُوءَ جن ٻنهي
اِني لام مفتوح رکي آهي يعني اصل ۾ لِاَنَّكَ آهي ۽ همزي جي زبر ساڻ
ساڻ ويڙهي آهي.

اَلْبَرُّ ۱- تفسير مڪي ۾ مذڪور آهي حضرت ابن عباس رضه فرمايو آهي ته
اَلْبَرُّ جي معنيٰ الطيف يعني مهربان ڪندڙ آهي. ۽ڪن چيو آهي ته البر
جو مطلب آهي مهربان، شفيق يعني الله تعالىٰ جو پنهنجن الهڙ بالهڙ
تي نهايت ڪندڙ آهي جيڪي سندس بالهڙ تي احسان ڪندڙ آهن.
۽ الله جو اها ذات آهي جنهنجو احسان سڀني لاءِ عام آهي.
حجة الاسلام رح[۳۰] فرمايو آهي ته بالهڙ او ته احسان ڪندڙ هوندو آهي جيڪو
ڪيس نيڪي ڪمان حصو عطا ڪيو ويندو آهي جيڪي ته پنهنجن والدين
استادن ۽ مرشدن جي تعظيم ڪرڻ ۽ سائن احسان ڪرڻ ضروري آهي.
جيئن قرآن ڪريم جي هن آيت ۾ ارشاد آهي بَرًّا بِوَالِدَيْهِ يعني پنهنجن
والدين سان احسان ڪندڙ رهو.

هڪ روايت ۾ آهي حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَامُ جڏهن پنهنجي
پالڻهار سان ڪلام ڪري رهيو هو ته هڪ ماڻهوءَ کي ڏنائين پوءِ سندس طرف اشارو
ڪيائين ته عرش هيٺ ڪيو پوءِ حضرت موسيٰ رح ان شخص جي بلند مرتبي

---

[۳۰] مراد حضرت امام غزالي رح آهي. والله اعلم

کي ڏسي عجب ۾ پئجي ويو ۽ حضرت موسيٰ عليه السلام رب العزت جي دربار
۾ عرض ڪيو تہ "اي منهنجا پالڻهار! هي ڪهڙو اهڙو منزل تي ڪيئن پهتو؟"
الله عزوجل فرمايو: بيشڪ اهو ڪهڙو منهنجي ڪهڙن مان هڪ ڪهڙي آهي منهنجي
ڏنل نعمتن سان احسان ڪندو هو ۽ منهنجي ولي بڻائي ڇڏيو ڪندو هو
الرَّحِيمُ ۔ يعني الله تعالىٰ هميشه واري نعمتن سان ڪهڙن تي عليحدہ
عليحدہ نعمتون سان مهربان آهي.

نوٽ:۔ مفسر صاحب آيتي سورة والطور جي پهرين رڪوع جا خاص اشارات
تحريرڪيا آهن جيڪي هيٺ زير قلم ڪجن ٿا.

ولعل فی تحقیق الآیة مع ما دَلَّ عَلَیْهِ الظاهرُ اِشارةٌ والطور الجبل
وهو القلب الذی یسمع کلامَ الله فی کلّ انٍ بالحق فان الخواطرَ رسلُ الحق
او الروح الانسانی او الانسانُ الکامل کما قال الجُنید حین سُئِلَ اَمِمَّن تسمع
فقال مع مَن وقرءَ وَ تری الجبال تحسبها جامدةً وهی تمرُّ مَرَّ السَّحاب
وبقوله وکتاب مسطور لان الانسان ام الکتاب کما مَرَّ فی ذلک الکتاب
لاریب فیه وجُلد اُدم فیه الانبیاءُ والاولیاءُ والمؤمن والمسلم بل الکافر
والمشرک منشور بالانواع والاصناف والاشخاص ومنشور بالاقوال
والاعمال والاحوال والاخلاق والبیت المعمور بالعرفاء المستغرقین فی بحار
المعرفة والسقف المرفوع من الیقین فیشاهدون العین فیظهر ما قیل لیس فی
الجنة الا الحق وفی السمر لصاحب الملتقط السید محمد کیسودراز یقول الحق
جل جلاله لجبرئیل علیه السلام یوم القیٰمة اِذهب الی اهل الجنة فاقرء منّی
السَّلامَ علیهم وَانْظُرْ ما یفعلون ای اهل النار فیرجع الی ربه ویقول
یا ربِّ لیس الجنة ولا النار ولا ما فیهما. ثم قال الشیخ السید محمد کیسودراز
وقد تکلم فی هذه الکلمة جماعة من التوجیهات وقال محمد الحسینی ان جبرئیل علیه السلام کوشف
بحقیقة الامر ببرکة صحبة النبی آخر الزمان فعند ذلک اذا حینما سمع ما قُرِءَ من السمر قال شیخنا یتکلم علیها کما تاوجدت

و قال محمد الحسيني إنّ جبرئيل عليه السّلام كوشف ح بحقيقة الامر ببركة صحبة التي أخرَ الزمان فعند ذلك اى حين ما سمع مما قُرِءَ من السمر قال شيخنا إنّ كليهما كانتا موجودتين لكن شاهَدَ جبرئيل عليه السلام الاسماء الجلالية ذهب بمقتضاها والجمالية بمقتضاها فلم يبق الكون الا الله الواحد القهار.

ترجمو:- ۽ آيت جي تحقيق ۾ اشارو آهي حالانڪ آيت جي ظاهري صورت حقيقت ڏي دلالت ڪري رهي آهي. والطور:- ۽ طور جبل آهي ۽ اهو قلب آهي جيڪو الله تعالى ۽ جو ڪلام هر حالت ۾ بڌي ٿو بيشڪ اهو ڪلام حق آهي جو نه ڏيون حق جون قاصد آهن يا طور مان مراد انسان جي بدني آهي يا مراد ڪامل انسان آهي جيئن ته حضرت جنيد رح فرمايو آهي، جڏهن کان ڪائنس پچيوويو "چا تو نه بڌو" ؟ ۽ پوءِ چيائين مَڪ مَن ڪهن سان ڪير سائي آهي ۽ هي ۽ آيت پڙهيائين. ترجمو:- لوڻ پهاڙن جي ڏسين تو لوڻ سمجهين تہ اهي جميل آهن حالانڪ اهي ائين هلندا آهن جيئن ڪڪر هلندا آهن (يعني جن وڏين وڏين پهاڙن جي لڌان اهو خيال ڪريو ٿا تہ اهي هميشہ زمين ۾ جميل رهندا ڪين جنبش ئي نہ ايندي، پر قيامت جي ڏينهن ڪهڙو ڪنگر هوءِ ۾ پيا اُڏامندا.)

وڪتاب مسطور:- ۽ ڪتاب مسطور مان انسان ڏاڍو اشارو آهي ڇو تہ انسان ام الڪتاب آهي جيئن قرآن ڪريم جي آيت ذلك الكتاب لاريب فيه ۾ ڪنري ڇڪو آهي ۽ آدم جي چمڙي جو جامو پهرائي مضبوط ۽ طاقتور بنايو ويو الهي ۽ آدم ۾ نبي ۽ ولي ۽ مومن ۽ مسلمان آهن بدڪافر ۽ مشرڪ نہ (يعني ڪتاب مسطور ۾ ڪافر ۽ مشرڪ شامل نہ آهن.)

منشور:- هر ريڪاڻن ڏي نڪيل آهي نوع سان، قسمن سان، مرتبن، درجن ۽ شخصيتن سان يا وري منشور رڪيل آهي، احوال، اعمال - احوال ۽ اخلاق سان.

لکن شاهن جبرئیل ۴ الاسماء الجلالیة ذهب بمقتضاها والجالیة بمقتضاها فلم یبق الا الله الواحد القهار ۰
والبحر المسجور لان التبدل من العنصر بالخمر یمکن جائز عند العقل لکن الحقیقة العینیة تدل
علی انها واحدة ۰ شعر:- فی کل شیء له آیة - تدل علی انه واحد ۰
والبیت المحور:- یعنی مان اشارو ان بیت ڏاهن جیکو استغفار کندڙ عارفن سان
۲ بار آهي جیکي معرفت جي دریاهن ۾ غوطه زن آهن ۰ والسقف المرفوع:- یعنی قسم آهي
چت جو جیکا بیا نه کان بلند آهي ۰ یعنی آکاش مشاهدو کریٹي یعنی جیکا شيء ڏیٹي
دیئي آهي سا ظاهر ٿي ٿئي یعني جنت ۾ حق ئي آهي ۰
یعنی کتاب السمر ۾ منکور آهي جیکو صاحب الملتقط یعنی سید محمد گیسو دراز ۳۱ رح
جو آهي ۰ الله تعالی ۽ حضرت جبرئیل علیه السلام کي قیامت جي ڏینهن فرمائیندو ته
جنت ۾ وڃ پوء منهنجي طرفان جنت واري ڏي سلام پڙهه ۽ ڏسي اچ ته دوزخ وارا
چا ٿا کن ۰ پوء حضرت جبرئیل ع پنهنجي پاڻ ظاهر ڏاهن واپس اینداو ۽ عرض کندو
ته اي منهنجا پاڻ ظاهر جنت ۽ دوزخ آهن ئي کونه ۽ نه ئي منجهن کائي آهي ۰
پوء شیخ سید محمد گیسو دراز فرمایو ته الهي کلمي ڏي وڏي جماعت مختلف سبب
۽ وجهن سان گفتگو کیو آهي ۰
یعنی محمد الحسینی فرمایو ته بیشک حضرت جبرئیل ع الهي ۽ وقت حکم جي حقیقت
کان آشنا کیو ویو مو آخر الزمان ۴ جي صحبت جي برکت سبب جیکي رات جي
وقت اهي گالهیون بیان کیون ویون ۽ هن اهن کي بڌ ڏهو ۰ اسانجي شیخ ۳۲ رح فرمایو ته
بیشک اهي پڻي رحمت ۽ نار) موجودهنا پر حضرت جبرئیل ع جلالي نالن کي ڏسڻ ڏهو
الهن جي خوفناک حشات ۾ گم ٿي ویو ۽ پر ڏیي جماعت وارا پڻ الهن (جلالي اسمائ) جي
خوفناک حشات ۾ غرق ٿي ویا ۰ رحمتهن اهو مقام سامهون آیو ته) الله واحد القهار کان سوا ۽
بیو کوبه وجود باقي نه رهیو ۰
والبحر المسجور:- قسم آهي وهندڙ دریاء جو ۰ یعنی:- جو ته عنصر (جوهر) جي خمر (خمیري)
شاتبي پڻي ڏسڻ اگرچه عقلاً جائز آهي پر عیني حقیقت هن گالهه ٿي دلالت کریٹي ته
اهي پڻي (عنصر) خمر هک ئي شيء آهن ۰ جیکو هک شعر آهي ۰

---

۳۱ رح گیسو دراز:- وڏن - بڳهن واڙن وارو ۰ اصل نالو سید محمد بن سید یوسف الحسینی الملقب به بنده نواز
۳۲ رح شیخ :- شیخ مان مراد هت صاحب تفسیر شیخ پیلی جنهن کي مرشد حضرت عارف شکر دراز (گیسو دراز جو
مرید گلبرگه ۷۲۲
از آب کوثر ص ۳۲۲ از رفیق ثنائی
۱- وسیم الصور

شعر:- ترجمہ:- اللہ ؟ جي هر هڪ شيءِ ۾ منشا ٻي آهي - جيڪا هن کان ٻي رڳو ٻي ٿي
ڪري ٿو اها ڪل شي اصل ۾ هڪ ئي جوهر آهي .

اِنَّ عَذَابَ رَبِّكَ لَوَاقِعٌ ، اما بالحسرة او بالعذاب عمالَهٗ مِنْ دَافِعٍ ، لان المانع هو الله و
النافع هو الله وَ الضَّارُّ هو الله والمعطي هو الله لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللّٰهِ صلعم
يَوْمَ تَمُوْرُ السَّمَآءُ عن العنصرية او عن الطبيعية مَوْرًا اما بالوجود العينية وَ
تَسِيْرُ الْجِبَالُ عن الحجرية سيرًا الى الله فَوَيْلٌ يَّوْمَئِذٍ لِّلْمُكَذِّبِيْنَ ، بالصدق و
الحق الظاهر بالكل اَلَّذِيْنَ هُمْ فِيْ خَوْضٍ من الباطل لقوله الا كل شيءٍ ما خلا الله
باطل يَلْعَبُوْنَ ، في الدنيا باهلها .

ترجمہ:- بيشڪ تنهنجي رب جو عذاب واقع ٿيندڙ آهي ، يا حسرت (پڇتاءُ) سان
يا حقيقي سزا سان ان عذاب کي اللہ ؟ کانسواءِ جيڪو به نار تي وارو ٿيندڙ آهي ڇو
ته منع- روڪيندڙ اهو آهي ، نافع ۽ ضرر ڏيندڙ به اهو الله ؟ آهي ، نقصان ڏيڻ وارو به
اهو الله ؟ آهي ، عطا ڪرڻ وارو به اهو الله ؟ آهي .

يوم تمور الخ- هن ۾ اشارو آهي ته آسمان جو ڪنهن عنصريت (جوهريت) کان هوندو
يا طبعي لحاظ کان (يعني انجي خلقت ۾ اهو تحرڪ موجود آهي جنهن ڪري هو ڪنهن
يا انجو تحرڪ عيني وجود سان هوندو .

وتسير الجبال:- ۽ جبل پٽ يعني صورت سان ڇڪي طرح ۽ تڪا هلندا . يعني پڪ ٽيل ڏند
وانگر الله ؟ جي حضور ۾ حاضري ڏيڻ لاءِ ۽ تڪا هلندا .)

فويل يومئذ الخ:- يعني ان ڏينهن کوڙ لاءِ سچي پچي ۽ ظاهري حقا سان مڪمل
طرح هلاڪت هوندي . الذين هم في خوض الخ:- يعني اهي ڪوڙا جيڪي بيهوده گوئي ۽ ڪم
دنيا ۾ پنهنجي اصل سان ڪيڏي رهيا آهن . پر هڪ قول آهي جنهنجو مفهوم آهي ته
خبردار ! الله ؟ کانسواءِ باقي هر شيءِ باطل آهي .

يَوْمَ يُدَعُّوْنَ اِلٰى نَارِ جَهَنَّمَ الجد الوهمي الالهي دَعًّا ه بالفعل موجودة متوهمة .

هٰذِهِ النَّارُ الَّتِي كُنْتُمْ بِهَا تُكَذِّبُونَ ۝ يا هي بيست حق وقد كانت حقًّا أَفَسِحْرٌ هٰذَا
ام حق أَمْ أَنْتُمْ لَا تُبْصِرُونَ ۝ يا هي حق. اِصْلَوْهَا فَاصْبِرُوا أَوْ لَا تَصْبِرُوا يا هي حق
ظَهَرَ بالحقية عليكم عرفتم ام لم تعرفوا مشعر قلبي يحدثني يا مذكي مُتَلَقِّي
رُوحِي فذاك عَرَفْتَ ام لم تعرف سَوَاءٌ عَلَيْكُمْ العرفان وعدمه. إِنَّمَا تُجْزَوْنَ
مَا كُنْتُمْ تَعْمَلُونَ ۝ لِأن العمل الحق يظهر بصورة الجزاء الحق.

ترجمہ:- "هٰذِهِ النَّارُ الَّتِي كُنْتُمْ بِهَا تُكَذِّبُونَ" يعني اوهان جو ٻڌل هيءَ اها
برحق نه آهي، حالانڪ اها برحق آهي. افسحر:- هن ۾ اشارو آهي ته يا هي يا حق
آهي يا اوهان نه ٿا ڏسو ته اها برحق آهي. اصلوها الخ:- هن آيت ۾ اشارو آهي ته
اها باهه حق آهي. حق تهان تي برحق هجڻ شاظاهر ٿيو آهي تهان چاهيو يا نه چاهيو.
مشعر قلبي:- منهنجي دل جي احساس تي يارب واري جاءِ مونسان ڪلام ڪريني
يعني چوينٿي ته تون پنهنجي روح کي رتڪليف ۾) وجدن ٿو آهي پوءِ الهي ڏسڻ
کي تون سمجهين ٿو يا نه ٿو سمجهين. سواءٌ عليكم:- تهان تي اڻجي حقيقت
تي چاهڻ يا نه چاهڻ برابر آهي.
انما تجزون الخ:- هن مان اشارو آهي ته برحق عمل، برحق جزا (بدلي) جي صورت
شاظاهر ٿيندو آهي.

إِنَّ الْمُتَّقِينَ عن الشرك الخفي واما سوى الحق او جعلوا انفسهم الوقاية للحق
او على العكس فِي جَنَّاتٍ من المشاهدة الساترة عن غير الحق والمعاينة و
العينية وَنَعِيمٍ بالتلذذ في كل حين وآن فَاكِهِينَ متنعمين بِمَا آتَاهُمْ
رَبُّهُمْ بالعطايا الذاتية والمنح الاسمائية وَوَقَاهُمْ رَبُّهُمْ عَذَابَ الْجَحِيمِ
من العقوبة الشديدة بالمظاهرة المتباينة فيقال لهم كُلُوا وَاشْرَبُوا هَنِيئًا بالرفة
الذاتية والصفاتية بِمَا كُنْتُمْ تَعْمَلُونَ ۝ من العمل بالله ومن العمل لله.

ترجمہ:- ان المتقين الخ:- هن آيت ڪريمه ۾ اشارو آهي ته پوشيده شرڪ ۽ باطل خيالن کان

پرهيز ڪندڙ شخص (جن) پنهنجي جانين کي حق جي لاءِ بچاءُ بنايو يا برعڪس ڪيائون (يعني ظاهري شرڪان پاسو ڪيائون) ۽ حق تي قائم رهيا ۽ باطل کي ختم ڪيائون، سي باغن ۾ هوندا. يعني هو بهشت ۾ حقيقي مالڪ جي ديدار جو ظاهري اکين سان مشاهدو ڪندا ۽ انهن سوا ۽ بين بهشتي نعمتن کان لطف اندوز ٿيندا جيڪي غير الحق کان مخفي آهن. ۽ هميشه واري نعمتن ۾ آرام ڪندڙ هوندا. يعني هروقت ان تي راضي ۽ هوندا ۽ هون کين ڏسندي ئي نه هو ان کان نعمتون حاصل ڪندڙ هوندا. انهن شين سان خوش ٿيندڙ هوندا جيڪي کين سندن پالڻهار عطا ڪيون هونديون. پنهنجي ذاتي عطائيت ۽ آسماني عنايت سان. ۽ کين الله تعالىٰ (جهنم جي رشتن ۽ عذاب کان (جيڪو ظاهري ۽ مناجات سان آهي کان) بچايو.

ڪلوا واشربوا الخ هن آيت سان اشارو آهي ته الله تعالىٰ جي ذاتي ۽ صفاتي معرفت جي مزي سان کائو ۽ پيئو انهن عملن جي ڪري جي الله جي حڪم سان ڪيا هيا. يعني سندس رضا خاطر ڪيا هئا.

مُتَّكِئِينَ عَلَىٰ سُرُرٍ من الاسماء الالهية الموجبة اللائقة للايكاء من القوى والمتين وغيرهما مَّصْفُوفَةٍ من الاسماء ثبوتية وَزَوَّجْنَاهُم بِحُورٍ عِينٍ ۝ بصفاءٍ خالصة عن مثوب الاغيار[٣٣] والاعتبار من الاغيار[٣٤].

ترجمہ:- هن آيت سان اشارو آهي ته جنتي انهن پلنگن تي ٽيڪ لڳائي ويٺا هوندا جيڪي الهي نالن سان موسوم آهن جيڪي موزون ۽ مناسب آهن ٽيڪ ڏيڻ لاءِ. يعني الله تعالىٰ جي اسم قوي ۽ متين وغيرهما سان موسوم آهن. ۽ انهي پلنگ تخت مستقل نالن سان صفن ۾ ۽ قطارن ۾ رکيل هوندا. ۽ الله تعالىٰ فرمائي ٿو ته اسان اهل جنت کي انهن حورن سان پرڻائينداسون جيڪي خاص چمڪ ۽ دمڪ سان پريل آهن. ڪنارن جي ڇڪ ۽ بدلي ۽ ڪنارن جي گند ۽ خيال کان درڪنار آهن.

---

[٣٣] مثوبة:- جزا بدلو ۽ جزاءِ خير. القاموس الوحيد ص٨١٠ ش-و) [٣٤] الاعتبار:- حيثيت- شان- اهميت وغيره القاموس الوحيد ص٢١٣ ع-ب

وَالَّذِيْنَ آمَنُوْا بِاللّٰهِ لانفسهم وَاتَّبَعَتْهُمْ ذُرِّيَّتُهُمْ بِاِيْمَانٍ هٰذا

كما مَرَّ فى قول الروح والشيخ ابراهيم اَلْحَقْنَا بِهِمْ ذُرِّيَّتَهُمْ يوم القيٰمة

ان كانوا بعلم اليقين يكون يوم القيٰمة بعين اليقين وَمَآ اَلَتْنٰهُمْ مِّنْ عَمَلِهِمْ

مِّنْ شَيْءٍ ؕ بل يمكن ان يُزَادَ فى عملهم كُلُّ امْرِئٍ بِمَا كَسَبَ رَهِيْنٌ ؕ

ان كان عابدًا فعابدٌ وان كان زاهدًا فزاهدٌ وان كان خادمًا فكان خادمًا

وان كان فقيرًا وان كان متشبهًا فمتشبهًا وان كان ملاميتًا فكان ملاميتا وان

كان متصوفًا فكان متصوفًا وان كان متخلقًا فكان متخلقًا وان كان متحققًا

فكان متحققا وان كان محققًا فكان محققا فكل حق.

ترجمہ:- ”جن ايمان آندڑ سڀ ۽ پاڻ جي ذرين کي سندن اولاد ايمان سان سندن

پيرويءَ ڪئي ته اسان انهنجي اولاد کي به درجي ۾ ساڻ شامل ڪنداسين“

هن آيت ۾ اشارو آهي ته قيامت جي ڏينهن جيڪڏهن اهي مؤمن عالم دنيا

۾ علم يقين سان آهن ته قيامت جو ڏينهن (انهن کي) عين اليقين ثابت ٿيندو

يعني هن وقت يقين علم جي ڪري خبر ڏني ويئي آهي ۽ قيامت جي ڏينهن انهن

خبر کي يقيني سان ڏسندا ته سندن اولاد ساڻ گڏ هوندو.

وما التناهم الخ:- ۽ هن آيت مان اشارو آهي ته اسان انهنجي عملن جي ثواب

مان ڪجهه به گهٽ نه ڪنداسون، پر اڃا به ممڪن آهي ته سندن عملن ۾ اضافو

ڪيو وڃي.

كل امرئ بما كسب رهين:- هر شخص پنهنجي پنهنجي عملن ۾ گرفتار آهي. جيڪڏهن

ڪوماڻهو عابد آهي ته پوءِ عابد ئي هوندو ۽ اگر زاهد آهي ته پوءِ زاهد ئي رهندو

۽ جيڪڏهن خادم آهي ته پوءِ ڪيل خدمت جو ئي اجر ملندو ۽ اگر فقير آهي

ته فقيريءَ جو ئي حساب ڪتاب ڏيندو ۽ جيڪڏهن مشابهت ڪندڙ آهي

ته پوءِ تشبيهه ڏيندڙ مماثلت ڪندڙ ئي جي حاضر ٿيندو ۽ جيڪڏهن

ٻين ڪي ملامت ڪندڙ رقيبن ڏر - سختي ڪندڙ آهي نہ ملامت ڪندڙ ڪي رهنما

۽ جيڪڏهن خرقہ پوش آهي نہ قيامت جي ڏينهن الهي حالت ۾ ڪي حاضر

ٿيندو ۽ جيڪڏهن خلافت ڪندڙ آهي نہ خلافت ڪندڙ جي صورت ۾ پيش

ٿيندو ۽ اگر تحقيق ڪيل آهي نہ ان صورت ۾ ۽ اگر تحقيق ڪندڙ آهي نہ پوءِ

محققُ ٿي پيش ٿيندو ۽ پوءِ هرهڪ لاءِ حق هوندو - ٿيندو.

فائدو - يعني ڪهڙن شابہ زيادتي نہ ٿيندي ۽ نہ وري سندس اعمال ۾

ڪمي ليکي ٿيندي بقول تعالىٰ ولا تزر وازرة وزر اخرىٰ يعني قيامت جي

ڏينهن ڪير بہ ڪهڙي بيئي جو بار نہ کڻندو ۽ نہ ڪنهن بار برڪيو ويندو.

وَاَمْدَدْنَاهُمْ بالاسماءِ والصفات وقتا بعد وقتٍ بِمَا يَلِيقُ لِلَذَّةِ النظر بالحق وَلَحْمٍ مِمَّا يَشْتَهُوْنَ من الحقائق الالٰهية والمعارف الربانية فى الاطعمة الشهية لان الاسماءَ عند الخلق بالوجود والخلق غذاء الاسماءِ بالشهود.

۽ هن آيت سان اشارو آهي تہ اسان کين پنهنجن نالن ۽ صفتن سان وقت

بوقت زياده ڏينداسون. فاكهة :- يعني انڊ ۽ جي ديدار جي لذت کين حاصل

ٿيندي. ولحم ما يشتهون :- يعني الهي حقيقتن ۽ رباني معرفتن مان مرغوب

طعامن ۾ واڌارو ڪندڙ سون جو تہ اسماءِ مخلوق جي غذا آهي بالوجود ۽

خلق (مخلوق) اسماءِ جي غذا آهي بالشهود. (شهادت جي بنا تي)

وَيَتَنَازَعُوْنَ بالتجاذب حبًّا وانبساطًا بل شهودًا ومعاينة فِيْهَا كَمَا سَا

شعر:- شربت كما سا من الهانى[٣٥] عاينت[٣٦] منها بلا عيان[٣٧]

فهمت منها العلوم شتى[٣٨] وهمت فى حب من سبانى[٣٩]

---

[٣٥] هانى - هُوْنَةٌ - مَؤُوْنَةٌ :- خوراڪ - رسد - گڏ ڪيل ضرورتن جون شيون (القاموس الفريد ص ٦٢٧)

[٣٦] عَنِىَ - عناءً - عانى - مُعَانَاةً :- تڪليف ڪرڻ - تڪڙ. (القاموس الفريد ص ٢٥٦)

[٣٧] بلا عيان :- بغير مشاهده. عيانٌ :- ظاهر (القاموس الفريد ص ٤٦٢). [٣٨] شتى :- متفرق - متفرق (القاموس الفريد ص ٣٢٠)

[٣٩] سَبَى سَبْيًا :- جلاوطن ڪرڻ - قيدڪرڻ - ذهن ۾ قابض ٿيڻ (القاموس الفريد ص ٣٨٦)

لَا لَغْوٌ فِيهَا بل الحق كلها ولا تاثيمٌ بالمغايرة . وَيَطُوفُ عَلَيْهِمْ غِلْمَانٌ لَهُمْ
الخص من ربهم كَأَنَّهُمْ لُؤْلُؤٌ فی عین الصفاء القرب الوجودی الشهودی
مَكْنُونٌ ٥ عن الغیر والغربة

ترجمہ :- ویتا نروئن الزهن آیت سان هن گاهه ڏاهن اشارو آهي ته جنتي بهشت
۾ هڪ ٻئي کان محبت، خوشدلي ۽ شراکت ۽ ديدار ڪرڻ ۽ پيالا کيڻ
جيئن هڪ شاعر چيو آهي. ترجمہ :- مون ضرورت جي ڳالهه ڪئي شين مان
شراب جو پيالو پيتو- مون ان مان بغير مشاهدي جي تڪليف ڪڻي حاصل ڪئي.
مون الهي ديدار پيتو، سان مختلف علم سمجهيا - مون محبت ۾ جلاوطني ۽
اسير ٿيڻ جو خيال ڪيو.

لا لغو الزهن مان اشارو آهي ته جنتي شراب پيئڻ سان گفتگو ۾ ڪا
نه هوندي ڪا سڀ اهو حق آهي (يعني شراب باطهور ۾ واقعي اصطلاح
برحق آهي جو سندس استعمال کان پوءِ ياوه گوئي نه هوندي) ۽ نه وري اڳئين استعمال
سان جنت وارا گناهگاري ٿيندا هڪ ٻئي ۾ مداخلت ڪرڻ ۽ تباديلي ڪرڻ سان.
عثمانؒ :- عثمان جي وصف اها آهي ته گويا اُهي موتي آهن يعني وجودي ۽ شهودي
واري قرب جي ڪري ۾ موتين وانگر چمڪندڙ هوندا.
مكنون :- غير ۽ غربة (جلاوطني) کان محفوظ آهن.

وَاَقْبَلَ بَعْضُهُمْ عَلَىٰ بَعْضٍ يَتَسَآءَلُونَ ٥ بالمناسبة الوجودية الالهية قَالُوٓا
اِنَّا كُنَّا قَبْلُ هٰذِهِ الظهور بهذه الشهود فِيٓ اَهْلِنَا من الغيب والشهادة
والارواح والمثال وانكون الجامع مُشْفِقِينَ ٥ خائفين عن عدم الفهم من هذه
الظهور ومن هذه الشهود.

ترجمہ :- واقبل بعضهم الزهن مان اشارو آهي ته اُهي جنتي هڪ ٻئي ڏانهن متوجهه
ٿي الله تعالىٰ جي وجودي مناسبت شاهد ٻئي کان پڇندا. چوندا ته سان هن نعمتن

جي ظاهر ۽ حاضر ٿيڻ کان اڳ پنهنجن گهر ۾ يعني پريت ۽ موجود ۽ روحن ۽ مثال ۽ وجود ۽ حالت کان گهٽ وڌ ڏٺا سين هن ظهور يا هن شهود جي عدم فهم کان.

فَمَنَّ اللّٰهُ عَلَيْنَا بالوجود والظهور والشهود والعين وَوَقٰنَا عَذَابَ السَّمُوْمِ ۝ الذي تصورنا فارقون هن الا المقام والوجود والشهود اِنَّا كُنَّا مِنْ قَبْلُ نَدْعُوْهُ ان الحق هو الحق وماسواه باطل اِنَّهٗ هُوَ الْبَرُّ الرَّحِيْمُ ۝ باحسان الظهور ورحمة الشهود.

ترجمہ:- هن آيت مان اشارو آهي هن ڳالهه ڏانهن ته الله تعالىٰ اسانکي ان عذاب کان بچايو جنهنجو اسان تصور ڪندا هئاسون ته اسان هن مقام ۽ وجود ۽ شهود کان جدا رهندڙ سين پر الله تعالىٰ اسانتي احسان فرمائي انهن منزلن، درجن ۽ انعامن کان مهون فرمايو.

انا كنا من قبل ندعوه:- هن آيت مان اشارو آهي ته بيشڪ الهو الله برحق آهي ۽ ان کان سواءِ ٻيو سڀ ڪجهه باطل آهي بيشڪ الهو وڏو محسن ۽ مهربان آهي.

فَذَكِّرْ بالحق الظاهر بكل بكل في كل كل ولا تكترث[1] بقولهم شاعر او ساحر والتذكر لمن لم يسمع منك او رُمْ على التذكر فَمَآ اَنْتَ بِنِعْمَتِ رَبِّكَ يا محمد ويا ايها النبي الكريم ويا ايها الرسول العظيم بنعمة بنبوة ودعوة وحمد رَبِّكَ الذي رَبَّاكَ بالنعم الظاهرة والباطنة بِكَاهِنٍ وَّلَا مَجْنُوْنٍ ۝ كما يزعمون عند اخبار الغيب في الذين اقسموا عقاب مكة يرمون رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ بالكهانة والسحر والجنون.

ترجمہ:- "پوءِ اوهان سمجهائيندا رهو جو اوهان الله جي فضل سان نه ڪاهن آهيو ۽ نه چريا آهيو."

تشريح:- فذكر:- پوءِ توهان اوهان حق جي ظاهر ڪرڻ سان نصيحت ڪريو سيني کي لاءِ نصيحت ڪريو

---

[1] كل بكل لاءِ:- حفاظت - حفاظت ڪرڻ، القاموس الفريد ص ۵۲۶
[2] كترث - اكترث الغم - عمر اكتراث ۽ غم جو دورٿيڻ - بي پرواهي. لاتكترث لامر ۽ پرواه ڪرڻ، القاموس الفريد ص ۵۲۶

ء لقن (ای محمد ﷺ) الھن دشمن جي شاعر يا ساحر چوڻ جي کا به پرواھ نہ کري ۽ کو غم نہ کر. ۽ تذکر (نصيحت کر) ان ماڻھوءَ جي لاءِ آھي جيکو تنھنجي ڪلام ڏانھن گوش نہ ڏئي يعني تنھنجي گفتگو کي ڌيان سان نہ ٻڌي يا تذکر مان مراد آھي ته لقن نصيحت کرڻ تي ھميشگي کر. پوءِ لقن اي محمد ﷺ اي عزت ۽ سخاوت وارا نبي ۽ اي تعظيم وارا رسول ﷺ پنھنجي رب جي نعمت يعني نبوت ۽ دعوت ۽ حمد سان جنھن لڪي ظاھري ۽ باطني نعمتن سان پايو سو تو ڪاھن ۽ چريو نہ آھين جيئن ھو پائين ٿا. يعني جڏھن مکي جي ماڻھن کي اوھان غيب جون خبرون ٻڌايو ٿا ته مکي جي عذاب جا قسم ٿا ڪٽي ۽ اوھان کي ڪاھنة - سحر ۽ جنون جا الزام لڳائين ٿا اوھان ڪاھن ۽ چريا نہ آھيو.

فائدو - ھن آيت سڳوري ۾ اللہ تعالیٰ ۽ حضور اڪرم صلی اللہ علیہ وسلم جن کي تسلي ڏني آھي ته محبوب اوھان کو به فکر نہ ڪريو الھن دشمنن جي الزامن جو غم نہ ڪريو جڏھن ھن اوھان کين غيب جون خبرون ٻڌايو ٿا ته ھو اوھان کي ڪاھن شاعر ساحر ۽ مجنون چون ٿا حالانڪ محبوب مان ربّ جي نعمت سان اوھان الھن سڀني ڪامل لقبن کان پاڪ آھيو.[۴۲]

اَمْ يَقُوْلُوْنَ شَاعِرٌ نَتَرَبَّصُ بِهٖ رَيْبَ الْمَنُوْنِ ۝ مما يتعلق النفوس من حوادث الدهر قيل المنون الموت فَعُوْلٌ من مَنَّ يَمُنُّ[۴۳] اذا قطع قيل او الدهر يُعَيِّنُهٗ سُمِّيَ بذلك لِاَنَّهٗ يقطعنا عن المنايا والآمال[۴۴] فالمراد انا ننتظر فی شانه نوائب الزمان[۴۵] فيهلك كما يهلك الشعراء قبله او يتفرق عنه اصحابه

---

[۴۲] منجانب حافظ متحقق. [۴۳] مَنَّ يَمُنُّ تَمْوِيْلًا - اَعْوَلَ - آھ و بڪا ڪرڻ - گريه زاري ڪرڻ - واويلا مچائڻ. [۴۴] منايا - الھي فيصلو - موت (القاموس الفريد ص ۶۲۳) آمال - اميد - توقع ص ۲۶ و القاموس الفريد ص ۲۶۱ [۴۵] نوبت نائبة ج نوب - نوائب - آفت مصيبت (القاموس الفريد ص ۶۲۶)

وان اباه قد مات وهو شابٌ وظن نرجو ان يكون موتُهُ كموتِ ابيد وفي ذلك اشارة الى التذكير من النبي ونائبه واجب في كل حال ليهلك مَن هلك عن بَيِّنَةٍ ويحيى مَن حَيَّ عن بَيِّنَةٍ

ترجمو:- "يا اهي ماڻهو چون ٿا ته رهي، شاعر آهي اسان انجي حادثي موت جو انتظار ڪري رهيا آهيون."

آ يقولون شاعرٌ- يعني سندن اهوگفتگو ان وقت آهي جڏهن نبي اڪرم ﷺ جن جي ڪلام جو تاثير پاڻ ۾ ڏسن ٿا. اهوگفتگو سندن تخيل جي اعتبار سان آهي عاجزڪ جي لحاظ کان نه آهي. يا "شاعر" چوڻ وارا ابوجهل يا سندس جماعتي، ساڻي يا قريبي وارا آهن. پوءِ گويا اهي حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم جي شان ۾ اختلاف ڪندڙ آهن جيڪو شان محبوبيت جو اسان وٽ آهي ريعني جيڪو اسان حضور انور صلي الله عليه وسلم جن کي برحق نبي يا آخري نبي تسليم ڪريون ٿا ته منڪرين ورين حضور اڪرم ﷺ جن جي شان ۾ انجي برعڪس خيال ڪن ٿا، پوءِ اهڙن ماڻهن کي چون ٿا ته بيشڪ اهو ڪاهن عليه[1] آهي يا کيس چون ٿا ته اهو شاعر آهي يا وري کيس چون ٿا ته اهو مجنون آهي.

نتربص به ريب المنون:- يعني اسان اهڙن شين جو انتظار ڪري رهيا آهيون جن شين سان زماني جي حادثات سبب جا ڪيون تعلق رکن ٿيون ڪِن چيو آهي ته "منون" مان مراد موت آهي. جڏهن موت کيس ڪا تڪليف ڏئي ته سندس موت کان وڌيڪ ماڻهو ڏيڪاري ڏيندي. ڪِن چيو آهي ته "منون" مان مراد دهر زمانو آهي جيڪو کين مقرر ڪري ٿو. موت يا دهر بنهي لئي "منون" جو ٻاڙو ڪيو ويو آهي.

---

[1] ڪاهن - ڪاهنة:- انڪل شا مستقبل جون خبرون ڏيڻ - ڪاهن:- پادري - پجاري - مذهبي پيشوا - پيش گوئي ڪندڙ - نجومي. اهڙن جي مدعي کي ڪاهن چوندا آهن (القاموس الوحيد ص ٥٨١-٥٨٢)

انجو وجھ هي آهي تہ اِهي ٻئي اسانکي موتن، اهلي فيصلن ۽ اميدن کان قطع کن ٿا. ٻوءِ مراد هيءَ ٿيندي تہ اسان سندس رسول الله ﷺ جي حق ۾ زماني جي مصيبتن جو انتظار کندا سون پوءِ هو هلاک ٿيندو جيئن کافرن آڳ واريا شاعر هلاک ٿي ويا يا کافرن، سندس ساٿي صحابي جلد ٿيندا ۽ بيشڪ سندن جوان پيءُ مري ويو اسان کي اميد آهي تہ هي به پيءُ وانگر جوانيءَ ۾ ئي مري ويندو. ۽ اهڙيءَ ريت نبي ڪريم ﷺ سندن نائين (صحابن) جي ذڪر ڪرڻ ڏاڍو شاعرو آهي. بهرحال هيءُ ڳالهه لازم آهي تہ جيڪو ماڻهو پنهنجي دليل ۽ شهادت کان هلاک ٿيو، اهو هلاک ئي ٿيندو ۽ جيڪو ماڻهو پنهنجي شهادت تي زنده رهيو اهو زنده ئي رهندو.

قُلْ تَرَبَّصُوْا فَاِنِّیْ مَعَكُمْ مِّنَ الْمُتَرَبِّصِيْنَ ۔ بهلا کم ينظهر الحق ويبطل الباطل از حلك بائن لحال الكاهنة وغيرهم والحكم منسوخ بآية السيف.

ترجمو:- "(اي محمد ﷺ) اوهان چئو تہ اوهان (الهن زماني جي مصيبتن جو) انتظار ڪريو ۽ مان به اوهان سان گڏ (اوهان جي هلاڪ ٿيڻ جو) منتظر آهيان."

تشريح:- قل تربصوا الخ:- يعني اي محمد ﷺ اوهان الهن کي چئو تہ اوهان زماني جي مصيبتن جو انتظار ڪريو ۽ مان به اوهان جي هلاڪ ٿيڻ جو منتظر آهيان تہ اوهان جي باري ۾ الله تعالىٰ جو ڪهڙو حڪم نڪتو پوءِ حق ظاهر ٿيندو ۽ ڪوڙ ظاهر ٿيندو ۽ جو تہ تاريڪي، ڪاهنن وغيرهم جي حال کي ظاهر ڪندڙ آهي، پر اهو انتظار وارو حڪم جهاد واري آيت سان منسوخ ٿي ويو آهي.

وفي مجمع البحار عن بحر الحقائق[1] الكلام يُشير الى انّ طبيعة الانسان

[1] بحر الحقائق:- هي تفسير شيخ ابن مقسم ؒ جو ڪيل آهي. (اسلامي سائيڪلوپيڊيا مرتبہ مفتي محبوب عالم ص ۱۹۲ ج ۱)